مفت تقسيم لاءِ

رياضي 3

ٽئين ڪلاس لاءِ

سنڌ ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ، ڄام شورو، سنڌ

ڇپيندڙ

دي ٽائمز پريس (پرائيويٽ) لميٽڊ، ڪراچي.

مفت تقسيم لاءِ

هن ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ، ڄام شورو وٽ محفوظ آهن.

سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ جو تيار ڪيل ۽ بيورو آف ڪيريڪيولم ۽ ايڪسٽيشن ونگ سنڌ، ڄامشورو ۽ تعليم کاتو حڪومت سنڌ طرفان سنڌ صوبي جي اسڪولن لاءِ واحد درسي ڪتاب طور منظور ٿيل.

حوالو نمبر SO. (G - 1) E & L / Curriculum - 2014 تاريخ 12 - 3 - 2014

ڪتابن جي نصاب جي جائزي واري صوبائي رويو ڪميٽيءَ جو سڏاريل

نگران اعلي: عبدالعليم لاشاري
چيئرمين سنڌ ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ

ليکڪ:
- ارجن لعل، ايس - سڌريا
- پروفيسر اعجاز علي صبحپوٽو
- عطيہ تبسم پٺو
- ريحانہ چنڙ
- اسماء پٺي

نظر ثاني ڪميٽي:
- محمد صغير شيخ
- سيد آفاق احمد
- آفتاب علي
- محمد يوسف جمالي
- محمد هارون لغاري
- شفيق احمد ميمڻ
- عطيہ تبسم پٺو
- ماجده سومرو
- نظير احمد ميمڻ
- ارجن لعل، ايس - سڌريا

ايڊيٽرز:
- ارجن لعل ايس - سڌريا
- عطيہ تبسم پٺو

مترجم:
- ارجن لعل، ايس - سڌريا

ڪنسلٽنٽ:
- ڪامران لطيف لغاري، اي ايس ايس
- مير سرفراز خليل ساند، جي ايس ايس

لي آئوٽ ۽ ڪمپوزنگ: بختيار احمد پٺو ڪوڪر محلہ حيدرآباد

ڇپجڻ جو سال : 2024

ڇپيندڙ: هيُ ڪتاب دي ٽائمز پريس (پرائيويٽ) لميٽڊ، ڪراچيءَ ۾ ڇپيو.

فهرست

يونٽ	عنوان	صفحو نمبر
1	عدد	1
2	آلجبري عمل	19
3	اٽپور	51
4	پيمائش	67
5	وقت	89
6	جاميٽري	101
7	معلومات سهيڙڻ	112
8	اصطلاح	116
9	جواب	119

مفت تقسيم لاءِ

ٻه اکر

سنڌ ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ هڪ اهڙو تعليمي ادارو آهي، جنهن جو ڪم درسي ڪتابن جي تياري ۽ اشاعت ڪرڻ آهي. ان جو اهم مقصد اهڙن درسي ڪتابن جي تياري ۽ فراهمي آهي، جيڪي نئين نسل ڪي علم ۽ شعور سان گڏوگڏ منجهن اهڙي صلاحيت پيدا ڪن جنهن جي ذريعي اهي اسلام جي آفاقي نظرين، پائيچاري، بزرگن جي ڪارنامن، پنهنجي ثقافتي ورثي ۽ روايت جي حفاظت ڪندي نئين دور جي سائنسي، ٽيڪنيڪي ۽ سماجي تقاضائن کي پورو ڪري ڪامياب زندگي گذاري سگهن.

هن اعليٰ مقصد کي پورو ڪرڻ خاطر اهل علم، ماهرن، استاد صاحبن ۽ مخلص دوستن جي هڪ ٽيم ڪنڊ ڪڙڇ کان حاصل ٿيندڙ معلومات جي روشنيءَ ۾ ڪتابن جي درستگيءَ جي معيار، جائزي ۽ انهن جي سُڌاري جي عمل ۾ اسان سان گڏ لڳاتار مصروف آهي.

اسان جا ماهر ۽ اشاعتي عملو اُن صورت ۾ ئي گهربل مقصدن ۾ ڪامياب ٿيندو، جڏهن انهن ڪتابن مان استاد صاحب، شاگرد ۽ شاگردياڻيون پورو پورو لاڀ ماڻين. ان لاءِ سندن تجويزون ۽ رايا انهن ڪتابن کي بهتر بنائڻ ۾ ڪار آمد ٿيندا.

چيئرمين

سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ

بسم الله الرحمٰن الرحيم

يونٽ 1

عدد

1.1 رومن انگ

20 تائين رومن انگ پڙهڻ ۽ لکڻ

اسان 1000 تائين عدد سکي چڪا آهيون جيڪي عربي عدد آهن. رومن انگ قديم روم ۾ استعمال ٿيا. اِهي انگ اڃا تائين مختلف طريقن سان استعمال ۾ آهن.

رومن انگ گهڙين جي ڊائلز تي، وڏن شهرن جي گهنٽا گهر ۾ گهڙيال تي ڏنا وڃن ٿا. ڪڏهن ڪڏهن رومن انگ ڪتابن ۽ امتحاني پيپر ۾ استعمال ٿين ٿا.

1 کان 20 تائين رومن انگن جو بنياد هيٺين علامتن تي آهي.

مُلهه	علامت
1	I
5	V
10	X

1 کان 20 تائين رومن انگن جو پڙهڻ.

هندي عربي عدد	رومن انگ: وڏا اکر	رومن انگ: ننڍا اکر	هندي عربي عدد	رومن انگ: وڏا اکر	رومن انگ: ننڍا اکر
1	I	i	11	XI	xi
2	II	ii	12	XII	xii
3	III	iii	13	XIII	xiii
4	IV	iv	14	XIV	xiv
5	V	v	15	XV	xv
6	VI	vi	16	XVI	xvi
7	VII	vii	17	XVII	xvii
8	VIII	viii	18	XVIII	xviii
9	IX	ix	19	XIX	xix
10	X	x	20	XX	xx

ٻڙي يا زيرو کي ظاهر ڪرڻ لاءِ ڪوبه رومن انگ نه آهي.

استاد لاءِ هدايت

اُستاد کي گهرجي ته هو شاگردن جا ٽولا ٺاهي اُنهن کي 1 کان 20 تائين ڏنل عددن جي برابر رومن انگ ڳاڻهڻ ۾ مشغول رکي.

مفت تقسيم لاءِ

رومن عددن کي لکڻ جا اصول

اوهان ڏسي سگهو ٿا تہ جيڪڏهن اسين 4 کي رومن ۾ لکي رهيا آهيون تہ اسين 4 کي ظاهر ڪرڻ لاءِ IIII استعمال نہ ڪنداسين.

اصول 1: رومن انگ I ۽ X وڌ ۾ وڌ ٽي دفعا لکي سگهجن ٿا.

مثال طور: 20 = XX , 3 = III

اصول 2: ڪنهن بہ رومن انگ جي کابي پاسي ان کان ننڍي بنيادي رومن انگ لکڻ سان مليل رومن انگ جي ملهہ ۾ اوتري گهٽتائي ايندي.

مثال طور: 9 = IX , 4 = IV

اصول 3: ڪنهن بہ رومن انگ جي ساڄي پاسي ان کان ننڍي بنيادي رومن انگ لکڻ سان مليل رومن انگ جي ملهہ ۾ اوتري واڌ ايندي

مثال طور: 7 = VII , 6 = VI

15 = XV , 8 = VIII

عملي ڪم مڪمل ڪريو.

3	=	III
4	=	
6	=	
8	=	
12	=	

8	= 5 + 1 + 1 + 1 =	VIII
13	=	
14	=	
16	=	
19	=	

استاد لاءِ هدايت اُستاد رومن انگ لکڻ جا اصول وڌيڪ مثالن جي مدد سان سمجهائيندو.

مفت تقسيم لاءِ

مشق 1

1. هيٺ ڏنل عددن کي رومن انگن ۾ لکو.

5 ________ , 7 ________ , 11 ________ , 9 ________

8 ________ , 16 ________ , 17 ________ , 20 ________

2. هيٺ ڏنل رومن انگن کي هندي، عربي عددن ۾ لکو.

III ________ , IV ________ , VI ________ , X ________

II ________ , XV ________ , XII ________ , XIX ________

3. هيٺ ڏنل خالي خانن ۾ گهربل عدد لکو.

I		III			VI				X
		XIII				XVII			

4. گهربل رومن عدد ڏنل گهڙيالن ۾ لکو.

(الف) (ب) (ج) (د)



5. ساڳين عددن کي ليڪ ذريعي ملايو.

11	III
8	X
3	XI
10	IV
4	VIII

9	V
2	XII
5	IX
12	VII
7	II

6. 1 کان 20 تائين رومن انگ لکو.

مفت تقسيم لاءِ

1.2 اکي ۽ ٻڏي عدد

شروعات:

استاد 10 رضاڪار شاگردن کي ڪلاس جي اڳيان اچڻ لاءِ چوندو.

- هر هڪ شاگرد پنهنجي لاءِ هڪ ساٿي چوندي (جيئن تہ 10 شاگرد آهن تہ هر ڪنهن وٽ هڪ هڪ ساٿي هوندو) 10 کي ٻڏي جي هيٺان بورڊ تي لکو.
- شاگردن کي سمجهايو تہ هر هڪ وٽ ساٿي آهي چو تہ 10 ٻڏي انگ آهي.
- ٻن شاگردن کي ويهڻ لاءِ چئو ۽ 8 بيٺا هجن هر هڪ وٽ ساٿي هجڻ گهرجي. 8 کي ٻڏي جي هيٺان بورڊ تي لکو. اهو طريقيڪار 6، 4 ۽ 2 تائين ورجايو.
- شاگردن کان پڇو تہ ڇا ٿئي ها جيڪڏهن 9 شاگرد هجن ها. ڇا هر هڪ وٽ ساٿي هوندو؟ 1، 3، 5 ۽ 7 لاءِ ورجايو.

99 تائين اکي ۽ ٻڏي عددن جي سڃاڻپ

اکي عدد	ٻڏي عدد
اکي عدد اهي عدد آهن جيڪي 2 سان پورو پورو ونڊجي نہ سگهن.	ٻڏي عدد اُهي عدد آهن جيڪي 2 سان پورو پورو ونڊجي سگهن.
اکي عدد شين جا جوڙا 0 پاچي سان نٿا ناهي سگهن.	ٻڏي عدد شين جا جوڙا 0 پاچي سان ناهي سگهن ٿا.

يونٽ 1

عدد

عدد	شيون	اکي/ ٻڌي
1		اکي
2		ٻڌي
3		اکي
4		ٻڌي
5		اکي
6		ٻڌي
7		اکي
8		ٻڌي
9		اکي
10		ٻڌي

استاد لاءِ هدايت

استاد کي گهرجي تہ هو **2** سان وند استعمال ڪندي ۽ ڪلاس ۾ شاگردن ۾ ٻين شين جا جوڙا ناهي ڪري، شاگردن کي اکي ۽ ٻڌي عدد سڃاڻڻ ۾ مدد ڪري.

يونٽ 1 — عدد (اڪي ۽ ٻڏي عدد)

2، 4، 6، 8، 10، 12، 14 . . . ٻڏي عدد آهن.

ٻڏي عددن ۾ ايڪن جي جاءِ تي 0، 2، 4، 6 يا 8 هوندا آهن.

1، 3، 5، 7، 9، 11، 13، 15. . . اڪي عدد آهن.

اڪي عددن ۾ ايڪن جي جاءِ تي 1 ، 3، 5، 7 يا 9 هوندا آهن.

آئون اڪي آهيان:
جيڪڏهن ايڪي جي
جاءِ تي آهي:

آئون ٻڏي آهيان:
جيڪڏهن ايڪي جي
جاءِ تي آهي:

اڪي يا ٻڏي عددن جو مليل ترتيب ۾ لکڻ

هيٺ ڏنل چارٽ کي ڏسو!

0	1	2	3	4	5	6	7	8	9
10	11	12	13	14	15	16	17	18	19
20	21	22	23	24	25	26	27	28	29
30	31	32	33	34	35	36	37	38	39
40	41	42	43	44	45	46	47	48	49
50	51	52	53	54	55	56	57	58	59
60	61	62	63	64	65	66	67	68	69
70	71	72	73	74	75	76	77	78	79
80	81	82	83	84	85	86	87	88	89
90	91	92	93	94	95	96	97	98	99

ڳاڙهي پٽين ۾ لکيل عدد اڪي آهن.

1, 3, 5, 7, 9, 11, . . . , 99.

ساين پٽين ۾ لکيل عدد ٻڏي آهن.

0, 2, 4, 6, 8, 10, 12, . . . , 98.

مثال1: 3 ۽ 11 جي وچ وارا ٻڌي عدد لکو.

3, [4], 5, [6], 7, [8], 9, [10], 11

اهڙيءَ طرح 4، 6، 8 ۽ 10 ٻڌي عدد آهن.

مثال2: 20 ۽ 30 جي وچ وارا اڪي عدد لکو.

20, [21], 22, [23], 24, [25], 26, [27], 28, [29], 30

اهڙيءَ طرح 21، 23، 25، 27 ۽ 29 اڪي عدد آهن.

ياد رکو ته

- ٻڌي عدد + 1 = اڪي عدد
- اڪي عدد + 1 = ٻڌي عدد

- ٻڌي + ٻڌي = ٻڌي
- اڪي + اڪي = ٻڌي
- ٻڌي + اڪي = اڪي

مشق 2

1. هيٺ ڏنل اڪي عددن تي گول (◯) پايو.

80 , 83 , 15 , 98 , 67 , 78 , 42 , 27 , 45

2. هيٺ ڏنل ٻڌي عددن تي گول (◯) پايو.

30 , 38 , 71 , 32 , 64 , 69 , 70 , 11 , 95

3. 1 ۽ 20 جي وچ وارا ٻڌي عدد لکو.
4. 1 کان 21 تائين اڪي عدد لکو.
5. 30 کان پوءِ وارا پهريان پنج ٻڌي عدد لکو.
6. 50 کان پوءِ وارا پهريان چار اڪي عدد لکو.
7. 50 کان 80 تائين ٻڌي عدد لکو.
8. 70 کان 90 تائين اڪي انگ لکو.
9. صحيح لاءِ (ص) ۽ غلط لاءِ (غ) لکو.

(i) 23هڪ ٻڌي عدد آهي. ☐ (ii) 52 هڪ اڪي عدد آهي. ☐

(iii) 15 هڪ اڪي عدد آهي. ☐ (iv) 30 هڪ ٻڌي عدد آهي. ☐

1.3 مڪاني ملهه

ڇهه انگي عددن تائين مڪاني ملهه سڃاڻڻ

چار انگي عدد آهن. 1000، 1001، 1002، . . . ،. 9999

مثال1: 3452 هڪ چار انگي عدد آهي.

عدد 3452 جي هر هڪ انگ جو مڪاني ملهه هيٺين ريت آهي.

2 ايڪا + 5 ڏهاڪا + 4 سو + 3 هزار = 3452

= 3000 + 400 + 50 + 2

= 3452



هزار	سو	ڏهاڪا	ايڪا
3	4	5	2

10000، 10001، 10002، . . . ،. 99999 پنج انگي عدد آهن.

مثال2: پنج انگي عدد 51650 جي هر هڪ انگ جو مڪاني ملهه هيٺين ريت آهي.

0 ايڪا + 5 ڏهاڪا + 6 سو + 1 هزار + 5 ڏهه هزار

51610 = 50000 + 1000 + 600 + 50 + 0

ڏهه هزار	هزار	سو	ڏهاڪا	ايڪا
5	1	6	5	0

ننڍي ۾ ننڍو 6 انگي عدد 100,000آهي.

مثال3: 100000 جي هر هڪ انگ جو مڪاني ملهه هيٺين ريت آهي.

0 ايڪا + 0 ڏهاڪا + 0 سو + 0 هزار + 0 ڏهه هزار + 1 سو هزار = 100000

= 100000 + 00000 + 0000 + 000 + 00 + 0

= 100000

سو هزار	ڏهه هزار	هزار	سو	ڏهاڪا	ايڪا
1	0	0	0	0	0

استاد لاءِ هدايت

استاد ڪي گهرجي تہ هو هٿرادو بال فريم ڪي استعمال ڪندي،
شاگردن ڪي مڪاني ملهه جي تصور جو ڏوڙ ڪرائي.

عملي ڪم هيٺ ڏنل عددن ۾ رنگدار انگ جو مڪاني ملهه لکو.

(i)

هزار	سو	ڏهاڪا	ايڪا
9	2	4	**5**

5 ايڪا ______

(ii)

ڏهه هزار	هزار	سو	ڏهاڪا	ايڪا
4	**8**	0	6	2

______

(iii)

سو هزار	ڏهه هزار	هزار	سو	ڏهاڪا	ايڪا
3	4	9	6	7	4

______

مشق 3

.1 خالي خانا ڀريو.

(i) 5806 = ☐ هزار + ☐ سو + ☐ ڏهاڪا + ☐ ايڪا

(ii) 51001 = ☐ ڏهه هزار + ☐ هزار + ☐ سو + ☐ ڏهاڪا + ☐ ايڪا

(iii) 12902 = ☐ ڏهه هزار + ☐ هزار + ☐ سو + ☐ ڏهاڪا + ☐ ايڪا

(iv) 442609 = ☐ سو هزار + ☐ ڏهه هزار + ☐ هزار + ☐ سو + ☐ ڏهاڪا + ☐ ايڪا

.2 هيٺ ڏنل هر هڪ عدد ۾ رنگدار انگ جو مڪاني ملهه لکو.

(i) 24**3**6 (ii) 5**4**123 (iii) 61237**8**

(iv) **4**129 (v) 33**5**566 (vi) 7**2**081

(vii) **9**4123 (viii) 567**8**12 (ix) 81**0**703

3. هيٺيان مڪمل ڪريو.

نمبر	عدد	ايڪا	ڏهاڪا	سو	هزار	ڏهه هزار	سوهزار
(i)	ڇهه هزار چار سو ٻه	2		4	6		
(ii)	پنجويهه هزار ڇهه سو ايڪٽيهه	1	3			2	
(iii)	ٻيانوي هزار ٻه	2		0		9	
(iv)	پنج سو، ٽيويهه هزار، پنج سو			5	3		5

انگن ۽ لفظن ۾ 100،000 (سو هزار) تائين ڏنل عددن جو لکڻ ۽ پڙهڻ

اسين اڳيئي هڪ انگي، ٻه انگي ۽ ٽي انگي عدد سکي چڪا آهيون.

چار انگي عدد

مثال: 4235 کي لفظن ۾ لکو.

حل:

هزار	سو	ڏهاڪا	ايڪا
4	2	3	5

چار هزار ٻه سو پنجٽيهه



پنج انگي عدد

9999 کان پوءِ جو عدد آهي 10000

انهيءَ کي پڙهبو "ڏهه هزار"

يعني 9999 + 1 = 10000



ننڍي ۾ ننڍو پنج انگي عدد **10000** آهي.



10000 لاءِ مڪاني ملهه وارو چارٽ

ڏهه‌هزار	هزار	سو	ڏهاڪا	ايڪا
1	0	0	0	0

مثال: **30674** کي لفظن ۾ لکو.



حل:

ڏهه‌هزار	هزار	سو	ڏهاڪا	ايڪا
3	0	6	7	4

ٽيهه هزار ڇهه سو چوهتر

ڇهه انگي عدد



99999 کان پوءِ جو عدد آهي 100000
ا نهيءَ کي پڙهبو ”سو هزار“
يعني 99999 + 1 = 100,000

نئين ۾ ننڍو ڇهه انگي عدد **100000** آهي.

100,000 لاءِ مڪاني ملهه وارو چارٽ

سوهزار	ڏهه‌هزار	هزار	سو	ڏهاڪا	ايڪا
1	0	0	0	0	0



استاد لاءِ هدايت

أستاد مڪاني ملهه واري چارٽ جي مدد سان ڪجهه
وڌيڪ مثال ڏئي ڪري سمجهائي.

مثال: 671124 کي لفظن ۾ لکو

حل:



سوهزار	ڏههزار	هزار	سو	ڏهاڪا	ايڪا
6	7	1	1	2	4

ڇهه سو ايڪهتر هزار هڪ سو چويهه

سامهون ڏنل نموني کي ڏسو

9	+	1	=	10
99	+	1	=	100
999	+	1	=	1000
9999	+	1	=	10000
99999	+	1	=	100000

ننڍي ۾ ننڍو ڇهه انگي عدد **100000** آهي.

عملي ڪم 3 هيٺيان خال ڀريو.

(1) وڏي ۾ وڏو چار انگي عدد **9999** آهي.

(2) ننڍي ۾ ننڍو پنج انگي عدد ______ آهي.

(3) وڏي ۾ وڏو پنج انگي عدد ______ آهي.

(4) وڏي ۾ وڏو ڇهه انگي عدد ______ آهي.

مشق 4

1. هيٺ ڏنل هر هڪ عدد پڙهو ۽ لفظن ۾ لکو.

(i) 4156 (ii) 35678 (iii) 981254 (iv) 5060

(v) 7120 (vi) 356782 (vii) 41524 (viii) 123456

.2 هيٺ ڏنل عدد انگن ۾ لکو.

(i) اٺ هزار چار سو ايڪهٺ ______

(ii) ٻاهتر هزار ڇھ سو پنجانوي ______

(iii) پنجونجاهه هزار هڪ ______

.3 خال ڀريو.

(i) **951** کان اڳ ۾ ايندڙ عدد آهي. ______

(ii) **25645** کان پوءِ وارو عدد آهي. ______

(iii) **5420** ۽ **5422** جي وچ ۾ ايندڙ عدد آهي. ______

.4 هيٺين نمونن کي جاري رکو.

(i) 2124 , 3124 , 4124 , ______ , ______ , ______

(ii) 51427 , 51437 , 51447 , ______ , ______ , ______

(iii) 123456, 223456, 323456 , ______ , ______ , ______

1.5 عددن جي ڀيٽ ۽ ترتيب

>،< ۽ = جون نشانيون استعمال ڪندي ٻن عددن جي ڀيٽ ڪريو

هيٺ ڏنل شين جي تعداد جي ڀيٽ ڪريو.



پيلي خاني ۾ ڪيتريون ميڻ بتيون آهن؟ ☐

نيري خاني ۾ ڪيتريون ميڻ بتيون آهن؟ ☐

9 ميڻ بتيون **4** ميڻ بتين کان وڌيڪ آهن. اسين چونداسين تہ **4** کان وڏو **9** آهي.

نشانين ۾ اسين لکنداسين تہ **9 > 4** نشاني ">" جو مطلب آهي "کان وڏو آهي"

ساڳي طرح سان **4** ميڻ بتيون **9** ميڻ بتين کان گهٽ آهن. اسين چونداسين تہ

4 ننڍو آهي **9** کان. نشانين ۾ اسين لکنداسين تہ **4 < 9**

نشاني "<" جو مطلب آهي "کان ننڍو آهي"

عملي ڪم

< يا > جون نشانيون استعمال ڪريو.

(i) 5 > 3	(ii) 20 ☐ 16	(iii) 36 ☐ 47
(iv) 60 ☐ 80	(v) 325 ☐ 300	(vi) 960 ☐ 980

هيٺ ڏنل شين جي تعداد جي ڀيٽ



هتي ڪيترا بال آهن؟ ☐



هتي ڪيترا بال آهن؟ ☐

ٻنهي خانن ۾ بالن جو برابر تعداد آهي. اسين چونداسين ته 6 برابر آهي 6 جي.

نشانين ۾ اسين لکنداسين 6 = 6 .

هاڻي هيٺ ڏنل مثالن تي ڌيان ڏيو.

مثال1: 245 ۽ 6472 جي ڀيٽ ڪريو.

حل:

245 ۾ 3 انگ آهن

6472 ۾ 4 انگ آهن

تنهنڪري 6742 < 245

عملي ڪم

98 ۽ 123 جي ڀيٽ ڪريو.

حل:

98 ۾ ☐ انگ آهن

123 ۾ ☐ انگ آهن

تنهنڪري 123 ☐ 98

مثال2: 5423 ۽ 967 جي ڀيٽ ڪريو.

حل:

5423 ۾ 4 انگ آهن

967 ۾ 3 انگ آهن

تنهنڪري 967 < 5423

عملي ڪم

504 ۽ 99 جي ڀيٽ ڪريو.

حل:

504 کي ☐ انگ آهن

99 کي ☐ انگ آهن

تنهنڪري 99 ☐ 504

مثال 3: 2456 ۽ 3467 جي ڀيٽ ڪريو.

حل: ٻئي 4 انگي عدد آهن

انهي ڪري، اسين وڏي مڪاني ملھ وارن مختلف انگن جي ڀيٽ ڪنداسين جيڪي 2 ۽ 3 آهن.

هتي $2 < 3$

تنهنڪري $2456 < 3467$

عملي ڪم 67835 ۽ 67541 جي ڀيٽ ڪريو.

حل: ٻئي ☐ انگي عدد آهن.

اسين وڏي مڪاني ملھ وارن مختلف انگن جي ڀيٽ ڪنداسين،

جيڪي ☐ ۽ ☐ آهن.

هتي 5 ☐ 8

تنهنڪري 67541 ☐ 67835

مشق 5

(1) <، > ۽ = جون نشانيون استعمال ڪندي خال ڀريو.

(i)	245	☐	3167	(ii)	54231	☐	964
(iii)	3105	☐	3105	(iv)	5421	☐	5418
(v)	672315	☐	871237	(vi)	120001	☐	105552

(2) <، > ۽ = جون نشانيون استعمال ڪندي عددن جي ڀيٽ ڪريو.

(i)	542	۽	6712	(ii)	94562	۽	4392
(iii)	6324	۽	6324	(iv)	6421	۽	6578
(v)	94561	۽	94271	(vi)	345671	۽	345921

ڏنل عددن جي سيٽ کي ننڍ وڏائي ترتيب ۽ وڏ ننڍائي ترتيب ۾ لکڻ

شروعات: استاد هيٺ ڏنل عددن کي بي ترتيب ۾ لکي.

35, 12, 30

ان کان پوءِ استاد ڪنهن هڪ شاگرد کي انهن عددن مان ننڍي کان وڏي تائين بورڊ تي لکڻ لاءِ چئي،

12, 30, 35

اهو وضاحت ڪري ته هي ننڍ وڏائي ترتيب آهي هاڻ استاد ڪنهن ٻئي شاگرد کي انهن عددن مان وڏي کان ننڍي تائين بورڊ تي لکڻ لاءِ چئي

35, 30, 12

اهو وضاحت ڪري ته هي وڏ ننڍائي ترتيب آهي

مشق 6

1. هيٺ ڏنل عددن کي ڏنل خانن ۾ ننڍ وڏائي ترتيب ۾ لکو.

(i) 476, 52341, 7881, 5034 ______, ______, ______, ______,

(ii) 2346, 4632, 2354, 1778 ______, ______, ______, ______,

(iii) 43513, 3451, 53314, 41353 ______, ______, ______, ______,

2. هيٺ ڏنل عددن کي ڏنل خانن ۾ وڏ ننڍائي ترتيب ۾ لکو.

(i) 6432, 3213, 4343, 7120 ______, ______, ______, ______,

(ii) 49231, 12349, 94321, 31249 ______, ______, ______, ______,

(iii) 120451, 12345, 57401, 10000 ______, ______, ______, ______,

1.6 عددي ليڪ

شروع ڪندڙ:

بورڊ تي استاد هڪ ليڪ ڇاهيندو ۽ ان تي ننڍوڏائي ترتيب ۾ ساڳئي مفاصلي تي عدد لکو. ان ڳالھ جو خيال رکيو وڃي ته عددن جي وچ وارو وقفو ساڳئي مفاصلي جو هجي.

مثال طور: 0 کان 10 تائين لکو. ڪجھ عدد مٽايو ۽ شاگردن کي اهي مِٽايل عددن کي پرڻ لاءِ چئو ڪجھ مختلف عددن لاءِ هڪ ٻي عددي ليڪ ڇاهيو.

عددي ليڪ تي ڏنل عدد جي ملھ کي سڃاڻڻ ۽ ڏيکارڻ

هڪ عدد کي ليڪ تي برابر فاصلو ڪٽي ڏيکاري سگھون ٿا.

جنهن ليڪ تي عددن کي ظاهر ڪيو آهي انهيءَ ليڪ کي **عددي ليڪ** چئبو آهي.

هڪ عددي ليڪ



مثال 1: 4 کي عددي ليڪ تي ڏيکاريو.

ڏاڪو 1: هڪ ليڪ اسڪيل سان ڪڍو.

ڏاڪو 2: برابر فاصلي تي ٽِبڪا لڳايو.

ڏاڪو 3: کاٻي کان ساڄي پاسي تائين ٽِبڪا ڪٽو.

ڏاڪو 4: شروعاتي ٽِبڪي کان ننڍ وڏائي ترتيب ۾ عددن کي ڏيکاريو.



ڏاڪو 5: ڏنل عدد 4 کي سڃاڻو.



استاد لاءِ هدايت

استاد کي گھرجي ته عددي ليڪ تي عددن جي، ملھ کي سڃاڻڻ ۾ شاگردن جي مدد ڪري.

عملي ڪم عددي ليڪ تي ڪهڙي عدد تي نشان (✓) لڳايو ويو آهي.



عملي ڪم عددي ليڪ تي ڪهڙي عدد تي(✗) نشان لڳايو ويو آهي.



مشق 7

1. 6 کي عددي ليڪ تي ڏيکاريو.



2. ڏنل 6، 7 9، 10 ۽ 12 عددي ليڪ تي ڏيکاريو.



3. ڏنل عددي ليڪ تي عدد کان اڳ ۽ پوءِ وارا خال ڀريو.



4. ڏنل عددي ليڪ تي 14، 16 ۽ 18 عددن تي گول پايو.



يونٽ 2

آلجبري عمل

2.1 جوڙ

اسين گذريل ڪلاس ۾ ٽن انگن تائين عددن جو جوڙ اڳيئي سکي چڪا آهيون.

مشق 8

حل ڪريو.

1
$$\begin{array}{r} 43 \\ +\ 24 \\ \hline \end{array}$$

2
$$\begin{array}{r} 431 \\ +\ 24 \\ \hline \end{array}$$

3
$$\begin{array}{r} 65 \\ +\ 24 \\ \hline \end{array}$$

4
$$\begin{array}{r} 114 \\ +\ 85 \\ \hline \end{array}$$

5
$$\begin{array}{r} 582 \\ +\ 137 \\ \hline \end{array}$$

6
$$\begin{array}{r} 905 \\ +\ 182 \\ \hline \end{array}$$

7
$$\begin{array}{r} 631 \\ +\ 289 \\ \hline \end{array}$$

8
$$\begin{array}{r} 599 \\ +\ 324 \\ \hline \end{array}$$

9
$$\begin{array}{r} 488 \\ +\ 325 \\ \hline \end{array}$$

10 $27 + 22 =$ ____

11 $84 + 101 =$ ____

12 $850 + 88 =$ ____

13 $104 + 645 =$ ____

14 $542 + 227 =$ ____

15 $300 + 200 =$ ____

4 ـ انگي عددن جي اُفقي ۽ عمودي جوڙ (انگ ٽپائڻ ۽ بنا انگ ٽپائڻ سان)

اسين پهريان 4 ـ انگي عددن جو بنا انگ ٽپائڻ جوڙ ڪنداسين.

مثال 1: 5462 ۽ 1234 جوڙ ڪريو.

حل:



هزار	سو	ڏهاڪا	ايڪا
5	4	6	2
+ 1	2	3	4
6	6	9	6

ڏاڪو 1: ايڪا جوڙ ڪريو.
2 ايڪا + 4 ايڪا = 6 ايڪا

ڏاڪو 2: ڏهاڪا جوڙ ڪريو.
6 ڏهاڪا + 3 ڏهاڪا = 9 ڏهاڪا

ڏاڪو 3: سو جوڙ ڪريو.
4 سو + 2 سو = 6 سو

ڏاڪو 4: هاڻي هزار جوڙ ڪريو.
5 هزار + 1 هزار = 6 هزار

اُفقي طريقو:

يا 5462 + 1234 = ☐

يا

هزار	سو	ڏهاڪا	ايڪا		هزار	سو	ڏهاڪا	ايڪا		هزار	سو	ڏهاڪا	ايڪا
5	4	6	2	+	1	2	3	4	=	6	6	9	6

ڏاڪو 1: ايڪا جوڙ ڪريو $6 = 4 + 2$

ڏاڪو 2: ڏهاڪا جوڙ ڪريو $9 = 3 + 6$

ڏاڪو 3: سو جوڙ ڪريو $6 = 2 + 4$

ڏاڪو 4: هاڻي هزار جوڙ ڪريو. $6 = 1 + 5$

نوٽ: ايڪن کان شروعات ڪريو پهريان ايڪا، پوءِ ڏهاڪا، پوءِ سو ۽ آخر ۾ هزار جوڙ ڪريو.

مشق 9

(الف) حل ڪريو.

(1) 2564 + 1321	(2) 3572 + 1223	(3) 7425 + 2353
(4) 4653 + 4233	(5) 7245 + 2433	(6) 2847 + 3152
(7) 3604 + 4242 + 0123	(8) 7464 + 1012 + 1421	(9) 5093 + 2704 + 1102

(ب) هيٺيان حل ڪريو.

(1) 2215 + 1322 = ☐

(2) 4325 + 3210 = ☐

(3) 4625 + 1234 = ☐

(4) 3624 + 4172 = ☐

(5) 7383 + 2514 = ☐

(6) 4502 + 1224 + 4113 = ☐

(7) 1102 + 1323 + 1340 = ☐

هاڻي اسين 4 - انگن تائين عددن جو جوڙ انگ ٽپائڻ سان ڪنداسين.

مثال 1: 2658 ۽ 2347 کي جوڙ ڪريو.

حل:

هزار	سو	ڏهاڪا	ايڪا
①	①	①	
2	6	5	8
+ 2	3	4	7
5	0	0	5



ڏاڪو 1: ايڪا جوڙ ڪريو.
8 + 7 = 15 ايڪا (5 ايڪا ۽ 1 ڏهاڪو)
5 ايڪن جي هيٺيان لکو ۽ 1 ڏهاڪو، ڏهاڪي واري ڪالم ڏانهن ٽپايو.

ڏاڪو 2: ڏهاڪا جوڙ ڪريو.
1 + 5 + 4 = 10 ڏهاڪا
0 کي ڏهاڪن جي هيٺان لکو ۽ 1 کي سؤ واري ڪالم ڏانهن ٽپايو.

ڏاڪو 3: سؤ جوڙ ڪريو.
1 + 6 + 3 = 10 سو
0 کي سو واري ڪالم جي هيٺيان لکو ۽ 1 کي هزار واري ڪالم ڏانهن ٽپايو.

ڏاڪو 4: هزار جوڙ ڪريو.
1 + 2 + 2 = 5 هزار
5 کي هزار واري ڪالم جي هيٺيان لکو.

يا 2658 + 2347 = **5005**

استاد لاءِ هدايت

اُستاد کي گهرجي تہ هو 4 ـ انگن تائين عددن جو جوڙ (انگ ٽپائڻ) شاگردن کي سيکاري.

مثال 3: هينيان جوڙ ڪريو.

3458, 1322, 2687

ڏاڪو 1: ايڪا جوڙ ڪريو

8 + 2 + 7 = 17

ڏاڪو 2: ڏهاڪا جوڙ ڪريو

1 + 5 + 2 + 8 = 16

ڏاڪو 3: سؤ جوڙ ڪريو

1 + 4 + 3 + 6 = 14

ڏاڪو 4: هزار جوڙ ڪريو

1 + 3 + 1 + 2 = 7

هزار	سو	ڏهاڪا	ايڪا
(1) 3	(1) 4	(1) 5	8
1	3	2	2
+ 2	6	8	7
7	4	6	7

يا 3458 + 1322 + 2687 = 7467

مشق 10

(الف) حل ڪريو.

(1) 4626 + 3394 = ____

(2) 3097 + 4974 = ____

(3) 7385 + 2798 = ____

(4) 3487 + 932 + 1472 = ____

(5) 5705 + 2899 + 102 = ____

(6) 3789 + 2668 + 202 = ____

(ب) هينيان جوڙ ڪريو.

(1) 4866 ۽ 2154

(2) 3239 ۽ 2453

(3) 8370، 3745 ۽ 235

(4) 2555، 3876 ۽ 1000

(ج) هينيان حل ڪريو.

(1) 3994 + 1089 = ☐

(2) 3456 + 1268 = ☐

(3) 2658 + 3846 = ☐

(4) 3477 + 2955 = ☐

حسابي فن استعمال ڪندي 100 تائين عددن جو زباني جوڙ ڪرڻ

هميشہ ياد رکو تہ ايڪا ايڪن ۾ ۽ ڏهاڪا ڏهاڪن ۾ جوڙ ٿيندا آهن.

مثال1: زباني جوڙ ڪريو.

20 + 25	10 + 30
= 10 + 10 + 10 + 10 + 5	= 10 + 10 + 10 + 10
= 45	**= 40**

مثال2:



چا توهان کو رستو ڏيکاري سگهو ٿا، جنهن سان ساره پنهنجو حساب آسان ڪري سگهي؟

عليءَ وٽ هڪ تجويز آهي.



12 + 6

12 + 2 + 2 + 2

جوڙ لکو 12 + 2 = 14

14 + 2 = 16

تنهنڪري 16 + 2 = 18

ساره وٽ هڪ ٻي تجويز آهي

12 + 6

يا 12 + 3 + 3

12 + 3 = 15

تنهنڪري 15 + 3 = 18

استاد لاءِ هدايت

استاد کي گهرجي تہ پنهنجي تجربي جي بنياد تي زباني جوڙ جو ڪو ٻيو بہ سولو طريقو شاگردن کي سمجهائي.

مشق 11

(الف) هڪ کان وڌيڪ حسابي فن استعمال ڪندي هيٺ ڏنل عددن جو جوڙ ڪريو.

(1) 14 + 5

(2) 15 + 6

(3) 16 + 8

(4) 21 + 11

(5) 22 + 6

(6) 11 + 32

(ب) زباني حل ڪريو.

(1) 25 + 20 = ☐

(2) 22 + 21 = ☐

(3) 46 + 14 = ☐

(4) 32 + 4 = ☐

(5) 42 + 28 = ☐

(6) 54 + 26 = ☐

(ج) زباني جوڙ ڪري پنهنجو جواب ملايو.

44	35	86	30
92	68	90	69

(1) 10 + 20 = 30

(2) 45 + 23 = ☐

(3) 23 + 12 = ☐

(4) 22 + 22 = ☐

(5) 10 + 50 + 30 = ☐

(6) 18 + 38 + 36 = ☐

(7) 8 + 46 + 32 = ☐

(8) 20 + 13 + 36 = ☐

روزمره جي زندگيءَ سان واسطو رکندڙ جوڙ جا حساب حل ڪرڻ



مثال 1:

اسلم هڪ مهيني ۾ 3245 رياضيءَ جون ڪاپيون ۽ 2568 سنڌيءَ جون ڪاپيون وڪٽيون. ٻڌايو ته اُنهيءَ هڪ مهيني ۾ هُن ڪاپين جو ڪُل ڪيترو تعداد وڪيو؟

حل:

رياضيءَ جي وڪيل ڪاپين جي تعداد	=	3 2 4 5 (کڻ: 1 1)
سنڌيءَ جي وڪيل ڪاپين جي تعداد	=	+ 2 5 6 8
ڪل وڪيل ڪاپين جي تعداد	=	5 8 1 3

مشق 12

(1) ريحانه ٻه ڪتاب خريد ڪيا. هڪ ڪتاب ۾ 328 صفحا ۽ ٻئي ۾ 1034 صفحا آهن. ٻنهي ڪتابن ۾ ڪُل صفحن جي تعداد ڪيتري آهي؟

(2) عاشر صبح جو 800 ميٽر ۽ شام جو 1400 ميٽر پنڌ ڪيو. هن ڪل ڪيترو پنڌ ڪيو؟

(3) هڪ ڳوٺ ۾ 3321 مرد، 2843 عورتون ۽ 1822 ٻار آهن. ڳوٺ جي ڪُل آبادي ڪيتري آهي؟

(4) هڪ جانورن جي باغ ۾، آچر تي 3451، سومر تي 2342 سياح گهمڻ آيا، ٻڌايو ته ٻن ڏينهن ۾ ڪُل ڪيترا سياح گهمڻ آيا؟

(5) اظهر هڪ ڪهاڻي جو ڪتاب پڙهيو. هن ڇنڇر تي 236 صفحا ۽ آچر تي 142 صفحا پڙهيا. انهن ٻن ڏينهن ۾ هُن ڪيترا صفحا پڙهيا؟

(6) هڪڙي پرائمري اسڪول ۾ 436 ڇوڪريون ۽ 341 ڇوڪرا آهن. ٻڌايو اسڪول ۾ ڪُل ڪيترا شاگرد آهن؟

(7) هڪ شهر ۾ جمعي تي 4798 ۽ ڇنڇر تي 3202 شربت جون بوتلون وڪيون. ٻنهي ڏينهن ۾ ڪل ڪيتريون بوتلون وڪيون.

استاد لاءِ هدايت

اُستاد ڪي گهرجي ته هو شاگردن کي وڌيڪ روزمره زندگي جا مثال ڏي ۽ شاگردن کي اهڙا حساب ناهڻ جي مشق ڪرائي.

2.2 ڪٽ جو عمل

اسين گذريل ڪلاس ۾ ٽه- انگي عددن جي ڪٽ سکي چڪا آهيون. اچو ته پهريان ان جو دؤر ڪريون.

مشق 13

حل ڪريو:

(1)
$$\begin{array}{r} 88 \\ -\ 47 \\ \hline \end{array}$$

(2)
$$\begin{array}{r} 76 \\ -\ 54 \\ \hline \end{array}$$

(3)
$$\begin{array}{r} 639 \\ -\ 38 \\ \hline \end{array}$$

(4)
$$\begin{array}{r} 473 \\ -\ 151 \\ \hline \end{array}$$

(5)
$$\begin{array}{r} 378 \\ -\ 56 \\ \hline \end{array}$$

(6)
$$\begin{array}{r} 297 \\ -\ 74 \\ \hline \end{array}$$

(7)
$$\begin{array}{r} 356 \\ -\ 178 \\ \hline \end{array}$$

(8)
$$\begin{array}{r} 625 \\ -\ 478 \\ \hline \end{array}$$

(9)
$$\begin{array}{r} 243 \\ -\ 184 \\ \hline \end{array}$$

(10)
$$\begin{array}{r} 702 \\ -\ 189 \\ \hline \end{array}$$

(11)
$$\begin{array}{r} 958 \\ -\ 199 \\ \hline \end{array}$$

(12)
$$\begin{array}{r} 342 \\ -\ 155 \\ \hline \end{array}$$

چئن انگن تائين عددن جي ڪٽ (اُڌار وٺڻ سان ۽ بنا اُڌار وٺڻ جي)

پهريان اسين 4 ـ انگي عددن جي اڌاري وٺڻ کان سواءِ ڪٽ ڪنداسين.

مثال: حل ڪريو. 6554 – 2313

حل:

	هزار	سو	ڏهاڪا	ايڪا
	6	5	5	4
–	2	3	1	3
	4	2	4	1

ڏاڪو1: ايڪا ڪٽ ڪريو.
4 – 3 = 1
1 کي ايڪن واري ڪالم جي هيٺيان لکو

ڏاڪو2: ڏهاڪا ڪٽ ڪريو.
5 – 1 = 4
4 کي ڏهاڪن واري ڪالم جي هيٺيان لکو

ڏاڪو3: سؤ ڪٽ ڪريو
5 – 3 = 2
2 کي سؤ واري ڪالم جي هيٺيان لکو

ڏاڪو4: هاڻي هزارن کي ڪٽ ڪريو
6 – 2 = 4
4 کي هزارن واري ڪالم جي هيٺيان لکو

يا 6554 – 2313

حل: 6554 – 2313 = 4241

نوٽ: پهريان ايڪن جي ڪالم کان شروعات ڪريو.
پوءِ ڏهاڪن، سو ۽ آخر ۾ هزارن وارن ڪالمن جي ڪٽ ڪريو.

استاد لاءِ هدايت

اُستاد کي گهرجي تہ شاگردن کي ڪٽ جي عمل کي چار انگي عددن تائين سمجهڻ ۾ مدد ڪري.

مشق 14

(الف) حل ڪريو.

(1)
$$\begin{array}{r} 4269 \\ -3032 \\ \hline \\ \hline \end{array}$$

(2)
$$\begin{array}{r} 9968 \\ -2734 \\ \hline \\ \hline \end{array}$$

(3)
$$\begin{array}{r} 7695 \\ -3253 \\ \hline \\ \hline \end{array}$$

(4)
$$\begin{array}{r} 8756 \\ -3234 \\ \hline \\ \hline \end{array}$$

(5)
$$\begin{array}{r} 6598 \\ -4386 \\ \hline \\ \hline \end{array}$$

(6)
$$\begin{array}{r} 6976 \\ -2343 \\ \hline \\ \hline \end{array}$$

(7)
$$\begin{array}{r} 5754 \\ -2352 \\ \hline \\ \hline \end{array}$$

(8)
$$\begin{array}{r} 3879 \\ -2346 \\ \hline \\ \hline \end{array}$$

(9)
$$\begin{array}{r} 4589 \\ -3466 \\ \hline \\ \hline \end{array}$$

(ب) حل ڪريو.

(1) 3455 – 1343 = ☐

(2) 6657 – 3246 = ☐

(3) 3689 – 1345 = ☐

(4) 8672 – 4350 = ☐

(5) 9563 – 5341 = ☐

هاڻي اسين چار انگي عددن جي ڪٽ اُڌاري وٺڻ ذريعي ڪنداسين

مثال: **1446** کي **3324** مان ڪٽ ڪريو.

هزار	سؤ	ڏهاڪا	ايڪا
2	2	11	14
~~3~~	~~3~~	~~2~~	~~4~~
−1	4	4	6
1	8	7	8

ڏاڪو1: 4 مان 6 ڪٽ نٿا ٿي سگهن.
انهي ڪري اسين 2 ڏهاڪن مان هڪ ڏهاڪو ڪٽينداسين.
جيئن ته 1 ڏهاڪو = 10 ايڪا 4 + 10 = 14 ايڪا
پوءِ 14 مان 6 کي ڪٽ ڪريو ۽ 8 کي ايڪن واري جاءِ تي لکو.

ڏاڪو2: 2 ڏهاڪن ۾ 1 ڏهاڪو ڪٽڻ کانپوءِ 1 ڏهاڪو بچيو.
چاڪاڻ ته 4 کي 1 ڏهاڪي مان نہ ٿا ڪڍي سگهون.
تنهنڪري اسين 3 سون مان 1 سو ڪٽينداسين.
1 سو = 10 ڏهاڪا + 1 ڏهاڪو = 11 ڏهاڪا
پوءِ 11 مان 4 ڪٽ ڪريو ۽ 7 ڏهاڪن واري جاءِ تي لکو.

ڏاڪو3: 3 سون مان 1 سو ڪٽڻ کانپوءِ 2 سو بچيا.
چاڪاڻ ته 3 سؤ مان 4 سؤ نٿا ڪڍي سگهجن
تنهنڪري اسين 3 هزار مان 1 هزار ڪٽينداسين.
1 هزار = 10 سؤ ۽ 10 سؤ + 2 سؤ = 12 سؤ
اهڙي طرح 8 = 4 − 12
هاڻي اسين 8 کي سؤ واري جاءِ تي لکنداسين

ڏهاڪو4: آخر ۾ 3 هزارن مان 1 هزار ڪٽڻ کانپوءِ 2 هزار بچيا.
هاڻي 2 مان 1 کي ڪٽ ڪريو ۽ 1 کي هزار واري ڪالم ۾ لکو.

يا اُفقي طرح سان اسين هن ريت لکنداسين

3324 − 1446 = **1878**

استاد لاءِ هدايت

استاد کي گهرجي تہ هو اِهي ڏاڪا واضح طريقي سان شاگردن کي سمجهائي ۽ اُفقي ۽ عمودي ڪٽ جا سوال شاگردن کي ڏي.

مشق 15

(الف) حل ڪريو.

(1)
```
  6 10 14
 5 7  1  4
−3 5  4  6
__________
```

(2)
```
 6 6 0 8
−3 2 4 7
________
```

(3)
```
 5 4 2 3
−3 9 8 7
________
```

(4)
```
 3 9 4 0
−2 7 3 5
________
```

(5)
```
 5 7 0 5
−2 9 3 4
________
```

(6)
```
 8 0 0 4
−4 0 3 5
________
```

(7)
```
 9 0 1 2
−7 6 5 4
________
```

(8)
```
 3 4 5 2
−2 3 2 8
________
```

(9)
```
 3 3 8 1
−2 6 4 5
________
```

(ب) هيٺيان مڪمل ڪريو.

(1) 6572 − 1459 = ☐ (2) 8095 − 7251 = ☐

(3) 4562 − 3571 = ☐ (4) 6559 − 2382 = ☐

(ج) اُفقي ڪٽ ڪريو.

(1) 7293 مان 3254 (2) 6743 مان 4972

(3) 6512 مان 2484 (4) 8672 مان 5328

100 تائين عددن کي حسابي فن سان زباني ڪٿ ڪرڻ

هميشہ ياد رکو تہ ايڪا ايڪن مان ۽ ڏهاڪا ڏهاڪن مانڪٽ ٿيندا آهن.

مثال: هيٺيان هڪ ڪان وڌيڪ حسابي فن استعمال ڪندي ڪٽ ڪريو.

(i) **53 – 8**

= 53 – 3 – 5

= 50 – 5 = 45

يا 53 – 8 = 50 + 3 – 3 – 5

= 50 – 5

= 45

(ii) **72 – 6**

= 72 – 2 – 4

= 70 – 4 = 66

يا 72 – 6 = 70 + 2 – 1 – 5

= 70 – 5 + 2 – 1

= 65 + 1 **= 66**

عملي ڪم ڪٽ ڪريو.

(1) 50 → (– 5) → ☐ → (– 10) → ☐ → (– 2) → ☐

(2) 100 → (– 30) → ☐ → (– 5) → ☐ → (– 20) → ☐

مشق 16

1. هڪ ڪان وڌيڪ حسابي فن استعمال ڪندي هيٺيان عدد ڪٽ ڪريو.

(i) 15 – 6 (ii) 70 – 8 (iii) 78 – 12

(iv) 89 – 26 (v) 56 – 35 (vi) 93 – 27

استاد لاءِ هدايت

استاد شاگردن کي، عددن جي ڪٽ لاءِ حسابي فن جا ڪي بيا بہ طريقا ٻڌائي سگهي ٿو.

2. حل ڪريو.

(ii) $19 - 13 = \square$	(i) $47 - 16 = \square$
(iv) $46 - 21 = \square$	(iii) $50 - 12 = \square$
(vi) $67 - 14 = \square$	(v) $89 - 40 = \square$
(viii) $100 - 87 = \square$	(vii) $97 - 18 = \square$

3. هيٺيان زباني حل ڪريو.

(i) هڪ وڻ تي 9 پکي ويٺا آهن،
3 پکي اُڏامي ويا.
هُتي ڪيترا پکي باقي بچيا؟

(ii) عبدالرحمان وٽ 10 رڍون آهن
۽ هن وٽ 5 ڍڳيون آهن.
هن وٽ ڍڳين کان ڪيتريون وڌيڪ رڍون آهن؟

(iii) ثنيہ وٽ 42 ڪلوگرام چانور آهن.
هن 20 ڪلوگرام پنهنجي پيڻ کي ڏنا.
باقي هن وٽ ڪيترا ڪلوگرام چانورن جا بچيا؟

روزمره زندگي سان واسطو رکندڙ ڪٽ جا حساب حل ڪرڻ

مثال:

سهيل وٽ چاڪليٽ جا **1245** پيڪيٽ آهن. هن **1089** پيڪيٽ وڪرو ڪيا. ٻڌايو ته باقي ڪيترا پيڪيٽ بچيا؟

هن وٽ آهن	1	2 (1)	4 (13)	5 (15)	پيڪيٽ
هن وڪرو ڪيا	−1	0	8	9	پيڪيٽ
باقي بچيا	0	1	5	6	پيڪيٽ

مشق 17

(1) هڪ دُڪاندار وٽ **850** ڪير وارا چاڪليٽ آهن. هن **480** چاڪليٽ وڪيا. ڪيترا چاڪليٽ ٻڌايو ته هن وٽ بچيا؟

(2) علي جي ٻٽون ۾ ٻه نوٽ آهن انهن جي ڪُل قيمت **600** رپيا آهي. هڪ نوٽ **100** رپين جو آهي. ٻڌايو ته ٻئي نوٽ جي گهٽي قيمت آهي؟

(3) هڪ ڪارخانو هڪ سال ۾ **2460** گاڏيون ناهي ٿو. **1946** گاڏيون وڪرو ٿي ويون. اجا ڪيتريون گاڏيون وڪري لاءِ باقي آهن؟

(4) سيلاب جي متاثرين لاءِ شميم **4950** روپين جو چندو گڏ ڪيو. هن متاثر ڳوٺاڻن لاءِ **2595** روپين ۾ ڪاڌي پيتي جو سامان ۽ ٻيون استعمال جون شيون خريد ڪيون. هِن وٽ اجا ڪيتري رقم باقي آهي؟

(5) هڪ بيڪري وٽ **4500** بسڪوٽن جا دٻا هئا، جن مان **1862** وڪرو ٿي ويا. ٻڌايو ته باقي ڪيترا بسڪوٽن جا دٻا بچيا؟

(6) هڪ ڳوٺ جي آبادي **9015** نوجوان ماڻهن تي مشتمل آهي. جن مان **4386** مرد آهن. باقي عورتن جو تعداد معلوم ڪريو.

2.3 ضرب جو عمل

ٻن عددن جي ضرب جي حاصل لاءِ لفظ ”ضرب اُپت“ جو استعمال

شروعات: استاد 3 ستارا مڇيون ڪاري بورڊ تي ناهي هر ستارا مڇي جون پنج ٻانهون هجن. استاد شاگردن کان اهو پڇي ته انهن ٽنهي مڇين وٽ گڏيل ٻانهون ڪيتريون آهن؟ استاد وضاحت ڪري ته اهي گڏيل ٻانهون معلوم ڪرڻ جو هڪ طريقو 5+5+5=15 به آهي.

جنهن جو مطلب

5،3 ڀيرا

يا 3x5=15

استاد وڏيڪ اهو به ٻڌائي جڏهن به عدد پاڻ ۾ ضرب ٿيندا آهن ته انهن جي جواب کي ضرب اُپت چئبو آهي.

اسين گذريل ڪلاس ۾ ضرب جو عمل سکي چڪا آهيون.

3 ستارا مڇيون آهن. هر هڪ ستاري مڇي کي 5 ٻانهون آهن. ٻڌايو ته ڪُل ڪيتريون ٻانهون آهن؟

$$5 + 5 + 5 = 15$$

ان جي معنيٰ آهي

3 ڀيرا 5 ⬅ 3 سان 5 جي ضرب

يا $3 \times 5 = \boxed{15}$

3 ۽ 5 جي ضرب اُپت 15 آهي.

استاد لاءِ هدايت

استاد کي گهرجي ته هو شاگردن کي جوڙ ورجائڻ جي عمل ذريعي ضرب جي تصور جو دوڙ ڪرائي.

اسين لفظ ”ضرب اُپت“ ٻن عددن جي ضرب لاءِ استعمال ڪري سگهون ٿا

مثال: ضرب اُپت لهو.

(1) 4 ۽ 6 جي



حل:

4 سان 6 جو مطلب آهي چار ڀيرا 6

$4 \times 6 = 24$

4 ۽ 6 جي ضرب اُپت 24 آهي.

(2) 5 ۽ 8 جي

حل:

5 ۽ 8 جي ضرب اُپت جو مطلب آهي

8 سان 5 جي ضرب يا اٺ ڀيرا 5

$8 \times 5 = 40$

يا

$$\begin{array}{r} 8 \\ \times\ 5 \\ \hline 40 \\ \hline \end{array}$$

اهڙيءَ طرح ضرب اُپت 40 آهي.

مشق 18

(الف) هيٺين جي ضرب اُپت لهو.

(1) $3 \times 4 = 12$

(2) $2 \times 6 =$ ☐

(3) $3 \times 3 =$ ☐

(4) $7 \times 5 =$ ☐

(5) $5 \times 9 =$ ☐

(6) $8 \times 3 =$ ☐

(ب) هيٺيان حل ڪريو.

(1)	5 ۽ 4 جي ضرب اُپت آهي	5 x 4	=	20
(2)	2 ۽ 8 جي ضرب اُپت آهي		=	
(3)	5 ۽ 6 جي ضرب اُپت آهي		=	

6، 7، 8 ۽ 9 جا ڪوڙا ناهڻ

اسين گذريل ڪلاس ۾ 2، 3، 4، 5 ۽ 10 جا ڪوڙا سکي چڪا آهيون.
هاڻي اسين 6 جو ڪوڙو ناهينداسين.

جوڙ جي عمل سان	پڙهڻ جو طريقو	ضرب جي عمل سان
6	ايڪ ڇڪان ڇهه	1 x 6 = 6
6 + 6	ٻه ڇڪان ٻارهن	2 x 6 = 12
6 + 6 + 6	ٽه ڇڪان ارڙهن	3 x 6 = 18
6 + 6 + 6 + 6	چار ڇڪان چوويهه	4 x 6 = 24
6 + 6 + 6 + 6 + 6	پنج ڇڪان ٽيهه	5 x 6 = 30
6 + 6 + 6 + 6 + 6 + 6	ڇهه ڇڪان ڇٽيهه	6 x 6 = 36
6 + 6 + 6 + 6 + 6 + 6 + 6	ست ڇڪان ٻائيتاليهه	7 x 6 = 42
6 + 6 + 6 + 6 + 6 + 6 + 6 + 6	اٺ ڇڪان انيتاليهه	8 x 6 = 48
6 + 6 + 6 + 6 + 6 + 6 + 6 + 6 + 6	نو ڇڪان چوونجاهه	9 x 6 = 54
6 + 6 + 6 + 6 + 6 + 6 + 6 + 6 + 6 + 6	ڏهه ڇڪان سٺ	10 x 6 = 60

عملي ڪم ڇهه ڇهه ڪري ڳڻيو ۽ گهربل عددن سان خال ڀريو.

6, ______ , ______ , 24, ______ , ______

42, ______ , ______ , ______ , 66, ______

استاد لاءِ هدايت
اُستاد کي گهرجي تہ هو شاگردن کي مختلف شيون استعمال ڪندي 6،7،8 ۽ 9 جا ڪوڙا ناهڻ ۾ مدد ڪري.

7 جو ڪوڙو

ضرب جي عمل سان	پڙهڻ جو طريقو	جوڙ جي عمل سان
1 x 7 = 7	ايڪ ستان ست	7
2 x 7 = 14	ٻہ ستان چوڏهن	7 + 7
3 x 7 = 21	ٽہ ستان ايڪيهہ	7 + 7 + 7
4 x 7 = 28	چار ستان اٺاويهہ	7 + 7 + 7 + 7
5 x 7 = 35	پنج ستان پنجٽيهہ	7 + 7 + 7 + 7 + 7
6 x 7 = 42	ڇهہ ستان ٻائيتاليهہ	7 + 7 + 7 + 7 + 7 + 7
7 x 7 = 49	ست ستان اوڻونجاهہ	7 + 7 + 7 + 7 + 7 + 7 + 7
8 x 7 = 56	اٺ ستان ڇاونجاهہ	7 + 7 + 7 + 7 + 7 + 7 + 7 + 7
9 x 7 = 63	نو ستان ٽيهٺ	7 + 7 + 7 + 7 + 7 + 7 + 7 + 7 + 7
10 x 7 = 70	ڏهہ ستان ستر	7 + 7 + 7 + 7 + 7 + 7 + 7 + 7 + 7 + 7

عملي ڪم ست ست ڪري ڳڻيو ۽ خال ڀريو.

(1) 2 x 7 = 14

(2) 3 x 7 = ______

(3) 6 x 7 = ______

(4) 8 x 7 = ______

(5) 9 x 7 = ______

(6) 7 x 7 = ______

8 جو ڪوڙو.

جوڙ جي عمل سان	پڙهڻ جو طريقو	ضرب جي عمل سان
8	ايڪ اٺان اٺ	1 x 8 = 8
8 + 8	ٻه اٺان سورهن	2 x 8 = 16
8 + 8 + 8	ٽه اٺان چوويهه	3 x 8 = 24
8 + 8 + 8 + 8	چار اٺان ٻٽيهه	4 x 8 = 32
8 + 8 + 8 + 8 + 8	پنج اٺان چاليهه	5 x 8 = 40
8 + 8 + 8 + 8 + 8 + 8	ڇهه اٺان انيتاليهه	6 x 8 = 48
8 + 8 + 8 + 8 + 8 + 8 + 8	ست اٺان ڇاونجاهه	7 x 8 = 56
8 + 8 + 8 + 8 + 8 + 8 + 8 + 8	اٺ اٺان چوهٺ	8 x 8 = 64
8 + 8 + 8 + 8 + 8 + 8 + 8 + 8 + 8	نو اٺان ٻاهتر	9 x 8 = 72
8 + 8 + 8 + 8 + 8 + 8 + 8 + 8 + 8 + 8	ڏهه اٺان اَسِي	10 x 8 = 80

عملي ڪم

اٺ اٺ ڪري ٻٽيو ۽ مڪمل ڪريو.

1	2	3	4	5	6	7	8	9	10
x8	16								

9 جو ڪوڙو

جوڙ جي عمل سان	پڙهڻ جو طريقو	ضرب جي عمل سان
9	ايڪ نوان نو	1 x 9 = **9**
9 + 9	ٻہ نوان ارڙهن	2 x 9 = **18**
9 + 9 + 9	ٽہ نوان ستاويھ	3 x 9 = **27**
9 + 9 + 9 + 9	چار نوان ڇٽيھ	4 x 9 = **36**
9 + 9 + 9 + 9 + 9	پنج نوان پنجيتاليھ	5 x 9 = **45**
9 + 9 + 9 + 9 + 9 + 9	ڇھ نوان چوونجاھ	6 x 9 = **54**
9 + 9 + 9 + 9 + 9 + 9 + 9	ست نوان ٽيھٽ	7 x 9 = **63**
9 + 9 + 9 + 9 + 9 + 9 + 9 + 9	اٺ نوان ٻاهتر	8 x 9 = **72**
9 + 9 + 9 + 9 + 9 + 9 + 9 + 9 + 9	نو نوان ايڪاسي	9 x 9 = **81**
9 + 9 + 9 + 9 + 9 + 9 + 9 + 9 + 9 + 9	ڏھ نوان نوّي	10 x 9 = **90**

عملي ڪم نو نو ڪري ڳڻيو ۽ مڪمل ڪريو.

1	2	3	4	5	6	7	8	9	10
x9									

ٻہ انگي عددن جي هڪ انگي عدد سان ضرب ڪرڻ

مثال: ٽافين جون ٽي ٿيلهيون آهن ۽ هر هڪ ٿيلهيءَ ۾ 12 ٽافيون آهن.

ان جي معنيٰ آهي 3 ڀيرا 12 يا 3 سان 12 جي ضرب

ڪُل ڪيتريون ٽافيون آهن؟

ڏهاڪا	ايڪا
1	2
x	3
3	6

ڏاڪو 1: جڏهن اسين ايڪن کي ضرب ڪنداسين

تہ اسان کي $3 \times 2 = 6$ ملندو

6 کي ايڪن جي ڪالم جي هيٺان لکو.

ڏاڪو 2: هاڻي اسين ڏهاڪن جي ضرب ڪنداسين.

$3 \times 1 = 3$

3 کي ڏهاڪن واري ڪالم جي هيٺيان لکو.

مثال: 75 کي 4 سان ضرب ڪريو.

ڏهاڪا	ايڪا
(2) 7	5
x	4
30	0

ڏاڪو 1: $5 \times 4 = 20$ ايڪا

$= 2$ ڏهاڪا

ڏاڪو 2: $7 \times 4 = 28$ ڏهاڪا

هاڻي $2 + 28 = 30$ ڏهاڪا

استاد لاءِ هدايت

اُستاد کي گهرجي تہ هو شاگردن کي 2 انگي عددن جي 1 انگي عددن سان ضرب جي عمل کي سمجهائڻ ۾ مدد ڪري.

مشق 19

(الف) هيٺيان حل ڪريو.

(1)
$$\begin{array}{r} 14 \\ \times\ 2 \\ \hline \end{array}$$

(2)
$$\begin{array}{r} 31 \\ \times\ 2 \\ \hline \end{array}$$

(3)
$$\begin{array}{r} 21 \\ \times\ 4 \\ \hline \end{array}$$

(4)
$$\begin{array}{r} 12 \\ \times\ 4 \\ \hline \end{array}$$

(5)
$$\begin{array}{r} 23 \\ \times\ 3 \\ \hline \end{array}$$

(6)
$$\begin{array}{r} 35 \\ \times\ 2 \\ \hline \end{array}$$

(7)
$$\begin{array}{r} 11 \\ \times\ 6 \\ \hline \end{array}$$

(8)
$$\begin{array}{r} 53 \\ \times\ 6 \\ \hline \end{array}$$

(9)
$$\begin{array}{r} 83 \\ \times\ 4 \\ \hline \end{array}$$

(ب) ضرب ڪريو.

(1) 2 x 13

(2) 4 x 64

(3) 5 x 23

(4) 6 x 22

(5) 7 x 21

(6) 3 x 15

(7) 5 x 37

(8) 6 x 14

ڪنهن بہ عدد جي ٻڙي سان ضرب



عاليہ وٽ 0 صوف آهن.
حسن وٽ 0 صوف آهن.
ڪامران وٽ 0 صوف آهن.

$$0 + 0 + 0 = 0$$

يا $3 \times 0 = \square$

ٻڙي کي ڪنهن بہ عدد سان ضرب ڪرڻ تي ضرب اُپت هميشہ ٻڙي ايندي

مشق 20

حل ڪريو.

(1) $0 \times 2 = \square$ (2) $0 \times 6 = \square$

(3) $5 \times 0 = \square$ (4) $10 \times 0 = \square$

(5) $4 \times 0 = \square$ (6) $0 \times 15 = \square$

(7) $7 \times 0 = \square$ (8) $1 \times 0 = \square$

(9) $3 \times 0 = \square$ (10) $6 \times 0 = \square$

(11) $0 \times 9 = \square$ (12) $13 \times 0 = \square$

استاد لاءِ هدايت

اُستاد شاگردن کي ضرب جو اهو تصور سمجهائڻ گهرجي تہ ڪنهن بہ عدد کي ٻڙي سان ضرب ڪرڻ تي ضرب اُپت هميشہ ٻڙي ايندي.

10 جي ڪوڙي تائين عددن جي زباني ضرب ۾ حسابي فن جو استعمال ڪرڻ

مثال: هيٺين عددن جي زباني ضرب ۾ حسابي فن جو استعمال ڪريو.

(i) 3×5

حل:

$3 \times 5 = (5 - 2) \times 5$

$= 5 \times 5 - 2 \times 5$

$= 25 - 10$

$= 15$

(ii) 12×13

حل:

$12 \times 13 = (10 + 2) \times (10 + 3)$

$= 10 \times (10 + 3) + 2 \times (10 + 3)$

$= 10 \times 10 + 10 \times 3 + 2 \times 10 + 2 \times 3$

$= 100 + 30 + 20 + 6$

$= 150 + 6 = 156$

مشق 21

هيٺين عددن جي زباني ضرب ۾ حسابي فن جو استعمال ڪيو.

(1) 4 x 5 (2) 6 x 5 (3) 7 x 6

(4) 9 x 6 (5) 9 x 12 (6) 8 x 14

(7) 11 x 13 (8) 14 x 16 (9) 23 x 27

(10) 29 x 32 (11) 35 x 40 (12) 65 x 75

(13) 45 x 27 (14) 68 x 14 (15) 79 x 21

(16) 85 x 35 (17) 92 x 25 (18) 95 x 40

2- انگي عددن جي 1- انگي عدد سان ضرب سان واسطو رکندڙ روزمره زندگي جا حساب حل ڪرڻ

مثال:

25 پاڻي جي گلاسن سان هڪ بالٽي پاڻي سان ڀرجي ٿي. اهڙيون 6 بالٽيون ڀرڻ لاءِ ڪيترا پاڻي جا گلاس گهرجن؟

```
 ③
  2 5
x   6
-----
1 5 0
```

ڏاڪو1: 5 x 6 = 30 ايڪا

0 ايڪا ۽ 3 ڏهاڪا

ڏاڪو2: 2 x 6 = 12 ڏهاڪا

3 ڏهاڪا جوڙ ڪريو.

12 ڏهاڪا +3 ڏهاڪا = 15 ڏهاڪا

ڪل گلاسن جي تعداد 150 آهي

مشق 22

(1) پارڪنگ علائقي جي هڪ قطار ۾ 15 موٽر سائيڪلون بيهارڻ جي گنجائش آهي. اهڙن 6 قطارن ۾ ڪيتريون موٽر سائيڪلون بيهاري سگهجن ٿيون؟

(2) هڪ هفتي ۾ 7 ڏينهن آهن. ٻڌايو ته 40 هفتن ۾ ڪيترا ڏينهن ٿيندا؟

(3) هڪ باغ ۾ 8 وڻ آهن. هر هڪ وڻ تي 6 پکي ويٺا آهن. ٻڌايو ته ڪُل پکين جي تعداد ڪيترو آهي ؟

(4) هڪ پاڪيٽ ۾ 54 چاڪليٽ آهن. اهڙن 7 پاڪيٽن ۾ ڪيترا چاڪليٽ آهن؟

(5) آئسڪريم جي هڪ پيالي ۾ 3 اسڪوپ آهن. ٻڌايو ته اهڙن 48 آئسڪريم جي پيالن ۾ ڪيترا اسڪوپ هوندا؟

(6) هڪ ڪٻٽ ۾ 25 ڪتابن جي جڳهه آهي، اهڙين 6 ڪٻٽن ۾ ڪيترا ڪتاب رکي سگهجن ٿا؟

2.4 ونڊ جو عمل

ٻہ انگي عددن جي هڪ انگي عددن سان ونڊ ڪرڻ (ٻڙي پاچي سان)

شروعات ڪندڙ: ڪاري بورڊ تي استاد چار خانا ناهي. هر هڪ ۾ چار آئسڪريم جون ڪون هجن.

مثال1:

هڪ آئسڪريم جي دٻي ۾ 16 آئسڪريم ڪون اهڙي طرح سان رکيل آهن، جو هر هڪ سيٽ ۾ 4 ڪون آهن. ٻڌايو تہ آئسڪريم جي هڪ دٻي ۾ 4 ڪون جا ڪيترا سيٽ ٿيندا؟



$16 - 4 = 12$
$12 - 4 = 8$
$8 - 4 = 4$
$4 - 4 = 0$

يا اسين ان کي ونڊ استعمال ڪندي حل ڪري سگهون ٿا

$$\begin{array}{r} 4 \\ 4\overline{)16} \\ -16 \\ \hline 00 \end{array}$$

مطلب تہ 16 ۾ 4 چار ڀيرا 4 شامل آهي، يعني 4 سيٽ آهن.

تنهنڪري $16 \div 4 = \boxed{4}$

ونڊ جو عمل



أستاد کي گهرجي تہ ٻارن کي ونڊ جو ڏگهو طريقو ٻڙي پاچي سان سمجهائي.

عملي ڪم خاني ۾ ڏنل اصطلاح لفظ سان پيٽ ڪائيندڙ عدد تي گول پايو.

$7\overline{)56}$ = 8	$6\overline{)42}$ = 7	(4)$\overline{)20}$ = 5
وند اُپت	وندٽي	وندبيندڙ

مثال: حل ڪريو. $5 \div 55$

ڏاڪو1: سپ کان پهرين ڏهاڪي واري جاءِ تي مليل انگ 5 کي وند ڪيو.

$5 \div 5 = 1$

ڏهاڪي واري جاءِ تي وند اُپت 1 لکو.

5 مان 5 ڪٽ ڪرڻ سان اسين 0 حاصل ڪيون ٿا.

ڏاڪو2: پوءِ وندٽي مان 5 ايڪا هيٺ لکو، ايڪي واري جاءِ وارو عدد 5 سان وند ڪريو.

$5 \div 5 = 1$

ايڪي واري جاءِ تي ضرب اُپت 1 لکو.

تنهنڪري ضرب اُپت 11 ۽ پاچي 0 آهي.

$$\begin{array}{r} 11 \\ 5\overline{)55} \\ -5 \\ \hline 05 \\ -5 \\ \hline 0 \end{array}$$

مشق 23

(الف) هينيان حل ڪريو.

(1) $56 \div 8 =$ ☐ (2) $32 \div 4 =$ ☐

(3) $80 \div 10 =$ ☐ (4) $54 \div 6 =$ ☐

(5) $24 \div 8 =$ ☐ (6) $45 \div 5 =$ ☐

(7) $72 \div 6 =$ ☐ (8) $85 \div 5 =$ ☐

(9) $76 \div 4 =$ ☐ (10) $75 \div 5 =$ ☐

(ب) وند ڪريو.

(1)	15 ÷ 3	(2)	28 ÷ 4
(3)	64 ÷ 8	(4)	60 ÷ 6
(5)	90 ÷ 10	(6)	56 ÷ 7
(7)	60 ÷ 4	(8)	99 ÷ 3
(9)	65 ÷ 5	(10)	77 ÷ 7
(11)	91 ÷ 7	(12)	50 ÷ 2

(ج) گول واري عدد سان پيٽ ڪائينڊز اصطلاح لکو.

(1) $3\overline{)15}$ = 5 (15 گول) — ونڊٽي

(2) $8\overline{)16}$ = 2 (2 گول)

(3) $7\overline{)28}$ = 4 (7 گول)

(4) $7\overline{)63}$ = 9 (9 گول)

(5) $8\overline{)32}$ = 4 (8 گول)

(6) $7\overline{)49}$ = 7 (49 گول)

10 جي کوڙي تائين عددن کي ونڊ ڪرڻ لاءِ زباني حسابي فن جو استعمال ڪرڻ

مثال: سويرا وٽ 24 گل آهن. هوءَ هار ناهڻ لاءِ 8 گل استعمال ڪري ٿي. ٻڌايو ته سيني گُلن مان ڪُل ڪيترا هار ٺهندا؟

حل: 8 ÷ 24

پهريان 8 جو کوڙو ياد ڪريو پوءِ حل ڪريو.

$24 \div 8 = 3$

مشق 24

1 هڪ اُستاد شاگردن جي 4 ٽولن ۾ 28 فليش ڪارڊ ورهائي ٿو شاگردن جو هر هڪ ٽولو ڪيترا فليش ڪارڊ حاصل ڪندو؟

2 احسن وٽ پنج ڪلاسن ۾ برابر ورڇ ڪرڻ لاءِ 45 خيراتي شو جا ٽڪيٽ آهن. هُن هر هڪ ڪلاس کي ڪيترا ٽڪيٽ ڏنا؟

3 اسماعيل 9 ڀيرا سائيڪل جي ڀاڙي لاءِ 63 رپيا ادا ڪري ٿو. هن هڪ ڀيري لاءِ ڪيترو ڀاڙو ادا ڪيو؟

4 رضا 101 صفحا 5 ڏينهن ۾ لکيا. ٻڌايو ته هن روزانو ڪيترا صفحا لکيا؟

5 هڪ استاد 49 ڪاپيون 7 ڏينهن ۾ چڪاس ڪري ٿو. ٻڌايو ته هڪ ڏينهن ۾ ڪيتريون ڪاپيون چڪاس ڪندو؟

6 ثمينه 15 ليٽر کير مان 5 بالٽيون شربت يعني ملڪ روز ٺاهيو. ٻڌايو ته هن هڪ بالٽي شربت ٺاهڻ ۾ ڪيترو کير استعمال ڪيو؟

7 هڪ دڪاندار 81 ٽافيون 9 نون شاگردن کي هڪ جيتريون ورڇيون.ٻڌايو ته هر هڪ شاگرد کي ڪيتريون ٽافيون مليون؟

2 – انگي عددن جي 1 – انگي عددن سان ونڊ سان واسطو رکندڙ روزمره زندگي جا حساب حل ڪرڻ

مثال:

5 اسڪول ويگنون 70 شاگردن کي ڪٺي وڃن ٿيون، هر هڪ ويگن شاگردن جو برابر تعداد کڻي ٿي. هر هڪ ويگن ۾ ڪُل ڪيترا شاگرد آهن؟

$$
\begin{array}{r|l}
 & 14 \\
\hline
5 & 70 \\
 & -5 \\
\hline
 & 20 \\
 & -20 \\
\hline
 & 00
\end{array}
$$

هر هڪ ويگن ۾ شاگردن جو تعداد 14 آهي.

مشق 25

(1) 80 بسڪوٽن مان 4 بسڪوٽن وارا ڪُل ڪيترا پيڪيٽ ٺهندا؟

(2) ڪُل 96 ٽافيون آهن. هر هڪ دٻي ۾ 6 ٽافيون وجهيون آهن. ٻڌايو ته ڪيترن دٻن جي ضرورت پوندي؟

(3) 36 شاگرد 12 رانديگرن واري والي بال ٽيمن ۾ ورهايا ويا آهن. ٻڌايو ته ڪيتريون والي بال ٽيمون ٺهنديون؟

(4) ثنا وٽ 42 رنگين چاڪ آهن. هوءَ هڪ دٻي ۾ 6 چاڪ وجهي ٿي. ٻڌايو ته ڪيترن دٻن جي ضرورت پوندي؟

(5) ثنا 84 رپين ۾ 6 ڪلوگرام لوڻ خريد ڪري ٿي. هڪ ڪلوگرام لوڻ جي قيمت گهٽي ٿيندي؟

يونٽ 3

اڌپور

3.1 عام اڌپور

اڌپور کي انگن ۾ ان جي اُبتڙ لکڻ

شروعات ڪندڙ: استاد هڪ گول ڪاغذ جو ٽڪرو کڻي ۽ اهو ٻڌائي ته هي هڪ سڄو آهي ۽ پوءِ استاد ان کي چار هڪ جيترن حصن ۾ ورهائي ۽ هڪ حصو ڪنهن ٻار کي ڏي ۽ بورڊ تي استاد $\frac{1}{4}$ لکي. ان جو مطلب آهي چئن حصن مان هڪ حصو شاگرد کي ڏنو ويو ۽ وري استاد هڪ ٻئي شاگرد کي سڏي ۽ هڪ ٻيو ٽڪرو ان کي ڏي ۽ بورڊ تي $\frac{2}{4}$ لکي. ان جو مطلب آهي چئن مان ٻيو حصو شاگرد کي ڏنو ويو ۽ اهو ائين جاري رکجي جيستائين چارئي حصا ورهايا وڃن ۽ وضاحت ڪري.

استاد اهو به وضاحت ڪندو ته هي $\frac{1}{2}$، $\frac{2}{4}$، $\frac{3}{4}$ عام اڌپور آهن.

اسين اڌپورن جي بابت سکي چڪا آهيون.

سڄي شيءِ جو برابر جزو يا حصو اڌپور آهي.

$\frac{1}{2}$، $\frac{2}{3}$ ۽ $\frac{3}{4}$ وغيره اڌپورن جا ڪجھ مثال آهن.



اسين مختلف شين کي برابر حصن ۾ ورهائڻ سان اڌپور حاصل ڪندا آهيون. فرض ڪريو ته هڪ گول ڪاغذ جو ٽڪر چار برابر حصن ۾ ڪٽيو.

چئن حصن مان هڪ حصو هڪ ٻار کي ڏنو وڃي.

اهو ٽڪر گول ڪاغذ جو هڪ چوٿائي يا چوٿو آهي.

۽ اسين ان کي $\frac{1}{4}$ لکنداسين ۽ ان کي پڙهبو ”1 ڀاڱي چار“.

استاد لاءِ هدايت

استاد کي گهرجي ته ڪلاس ۾ مختلف شيون جهڙوڪ بسڪوٽ ۽ صوف وغيره آڻي ۽ انهن کي برابر حصن ۾ ڪٽي اڌپور ڏيکاري.

اٽپور

(عام اٽپور)

چئن حصن مان باقي بچيل ٽن حصن کي $\frac{3}{4}$ لکبو ۽ ان کي پڙھبو "3 ياڱي 4" يا ٽي چوٿائي.

اهي اٽپور $\frac{1}{2}$، $\frac{2}{3}$ ۽ $\frac{3}{4}$ عام اٽپور آهن.

عام اٽپور $\frac{3}{4}$ ۾، 3 کي انس ۽ 4 کي چيد چئبو آهي.

اٽپور جي هيٺين عدد کي چيد چئبو آهي.

$\frac{3}{4}$

اٽپور جي مٿين عدد کي انس چئبو آهي.

مثال 1:

$\frac{2}{9}$ ۾ انس 2 ۽ چيد 9 آهي.

مثال 2:

$\frac{5}{12}$ ۾ انس 5 ۽ چيد 12 آهي.

عملي ڪم 1 هيٺ ڏنل شڪلين ۾ رنگين حصي جا اٽپور لکو.

شڪل	رنگين حصو ظاهر ڪري ٿو	ائين پڙهو
	$\frac{1}{6}$	هڪ ڇهين پتي
	$\frac{3}{5}$	ٽين پنجين پتي
		
		

عملي ڪم 2 هيٺين شڪلين ۾ رنگ ڪري ڏنل اٽپور ڏيکاريو.

(iii)  $\frac{3}{8}$

(ii)  $\frac{1}{3}$

(i)  $\frac{2}{5}$

مشق 26

(الف) هيٺ ڈنل شکلين جي رنگين حصي کي اٹپور ۾ لکو.

(1)


(2)


(3)


(4)


(5)


(6)


(ب) هيٺين شکلين ۾ رنگ کري ڈنل اٹپور کي ڈيکاريو.

(1)

$\frac{3}{4}$

(2)

$\frac{5}{8}$

(3)

$\frac{1}{4}$

(4)

$\frac{6}{7}$

(ج) ڈنل انس ۽ چيد جي مدد سان اٹپور کي لکو.

(1) انس = 4 ، چيد = 11 ، اٹپور = ☐

(2) انس = 7 ، چيد = 8 ، اٹپور = ☐

3.2 برابر اٽپور

ڏنل شڪلين مان برابر اٽپور جي سڃاڻپ ڪرڻ

شروعات: استاد رنگيل شڪلون ناهي ۽ اها وضاحت ڪري ته هر شڪل ۾ رنگين حصا هيٺان اٽپور ظاهر ڪرن ٿا.

$\frac{3}{6}$ $\frac{2}{4}$ $\frac{1}{2}$

مثال: هيٺ ڏنل ٽن شڪلين ۾ رنگين حصي جو مشاهدو ڪريو.



هر هڪ شڪل جو رنگين حصو هيٺيون اٽپور ظاهر ڪري ٿو.

$\frac{3}{6}$ $\frac{2}{4}$ $\frac{1}{2}$

اهو پڻ مشاهدو ڪيو ويو آهي ته

- ٽنهي گولن ۾ ڏيکاريل رنگين حصا هڪ ئي ماپ جا آهن.
- $\frac{1}{2}$ ساڳيو حصو (اڌ گول) ظاهر ڪري ٿو. جيئن $\frac{2}{4}$ ۽ $\frac{3}{6}$ ظاهر ڪن ٿا.
- رياضي ۾ اسين اِن کي لکندا آهيون $\frac{1}{2} = \frac{2}{4} = \frac{3}{6}$
- تنهنڪري $\frac{1}{2}$، $\frac{2}{4}$، $\frac{3}{6}$ برابر اٽپور آهن.

ڏنل اٽپور لاءِ ٽي برابر اٽپور لکڻ

مثال1: ڏنل اٽپور $\frac{1}{3}$ لاءِ ٽي برابر اٽپور لکو.

حل:



$\frac{4}{12}$ $\frac{3}{9}$ $\frac{2}{6}$ $\frac{1}{3}$

استاد لاءِ هدايت

اُستاد کي لفظ انس ۽ ڇيد جي وضاحت ڪرڻ گهرجي. استاد کي پڻ گهرجي ته برابر اٽپورن کي شِڪلين ۽ ڪلاس ۾ ڪاغذ جي پٽين کي استعمال ڪري سمجهائي.

هتي $\frac{1}{3}$، $\frac{2}{6}$، $\frac{3}{9}$ ۽ $\frac{4}{12}$ هڪ ئي ماپ جي شڪل کي ظاهر ڪن ٿا.

انهيءَ ڪري $\frac{1}{3} = \frac{2}{6} = \frac{3}{9} = \frac{4}{12}$

اهڙيءَ طرح $\frac{2}{6}$، $\frac{3}{9}$ ۽ $\frac{4}{12}$ ڏنل اٽپور $\frac{1}{3}$ جا ٿي برابر اٽپور آهن.

هينيان ڏسو.

$$\frac{1}{3} = \frac{1 \times 2}{3 \times 2} = \frac{2}{6},\quad \frac{1 \times 3}{3 \times 3} = \frac{3}{9},\quad \frac{1 \times 4}{3 \times 4} = \frac{4}{12}$$

اِها سمجهاڻي ظاهر ڪري ٿي ته

> جيڪڏهن اسين ڪنهن اٽپور جي انس ۽ ڇيد کي ساڳيئي عدد (ٻڙي کان سواءِ) سان ضرب ڪريون ته اسان کي برابر اٽپور ملندا.

مثال 2: $\frac{1}{2}$ ۽ $\frac{2}{5}$ لاءِ ٽي برابر اٽپور لکو.

حل:

$\frac{1}{2} = \frac{2}{4} = \frac{3}{6} = \frac{4}{8}$

سمجهاڻي

$$\frac{1 \times 2}{2 \times 2} = \frac{2}{4},\quad \frac{1 \times 3}{2 \times 3} = \frac{3}{6},\quad \frac{1 \times 4}{2 \times 4} = \frac{4}{8}$$

$\frac{2}{5} = \frac{4}{10} = \frac{6}{15} = \frac{8}{20}$

سمجهاڻي

$$\frac{2 \times 2}{5 \times 2} = \frac{4}{10},\quad \frac{2 \times 3}{5 \times 3} = \frac{6}{15},\quad \frac{2 \times 4}{5 \times 4} = \frac{8}{20}$$

مشق 27

.1 برابر اڀپور ڏيڪارينڌڙ شڪلين کي سڃاڻو ۽ لکو.

(i)



(ii)



(iii)



.2 هيٺين لاءِ ٽي برابر اڀپور لکو.

(i) $\frac{1}{4}$, ______ , ______ , ______

(ii) $\frac{2}{3}$, ______ , ______ , ______

(iii) $\frac{3}{4}$, ______ , ______ , ______

(iv) $\frac{4}{5}$, ______ , ______ , ______

(v) $\frac{1}{5}$, ______ , ______ , ______

(vi) $\frac{2}{6}$, ______ , ______ , ______

3.3 واجب ۽ غير واجب اڻپور

واجب ۽ غير واجب اڻپورن جي وچ ۾ فرق ڏيکارڻ

شروعات ڪندڙ: استاد بورڊ تي هڪ اڻپور لکي جنهن ۾ انس چيد کان ننڍو هجي مثال طور $\frac{3}{5}$ ،

ٻارن کي وضاحت سان سمجهائيجي ته اهڙو اڻپور جنهن ۾ انس چيد کان ننڍو هجي ان کي واجب اڻپور چئبو آهي.

ڪجهه شاگردن کي بورڊ تي سڏيو ۽ انهن کي واجب اڻپور جا ڪجهه مثال لکڻ لاءِ چئو.

استاد بورڊ تي هڪ ٻيو اڻپور لکي جنهن ۾ انس چيد کان وڏو هجي. مثال طور $\frac{5}{3}$. ٻارن کي وضاحت سان سمجهائيجي ته اهڙو اڻپور جنهن ۾ انس چيد کان وڏو هجي اهڙي اڻپور کي غير واجب اڻپور چئبو آهي.

استاد ٻارن کان اهو پڇي ته هي ٻئي اڻپور پاڻ ۾ ڪيئن مختلف آهن؟ استاد شاگردن جي حوصلہ افزائي ڪري ۽ انهن کي ڪجهه ٻيا واجب ۽ غير واجب اڻپور جا مثال لکڻ لاءِ چئي.

اڻپور

واجب اڻپور:



اڻپور جنهن ۾ انس چيد کان ننڍو هجي.

مثال طور:

$\frac{1}{4}$ ، $\frac{2}{5}$ ، $\frac{3}{7}$ ، $\frac{5}{6}$ ۽ $\frac{11}{12}$

واجب اڻپور آهن.

غير واجب اڻپور.



اڻپور جنهن ۾انس، چيد کان وڏو يا برابر هجي.

مثال طور:

$\frac{4}{1}$ ، $\frac{5}{5}$ ، $\frac{6}{5}$ ، $\frac{5}{4}$ ۽ $\frac{12}{11}$

غير واجب اڻپور آهن.

> $\frac{3}{1}$ ، $\frac{2}{1}$ ، $\frac{2}{2}$ ، $\frac{3}{3}$ ، $\frac{4}{4}$ پڻ غير واجب اڻپورن جا مثال آهن.

عملي ڪم

هيٺين خانن ۾ واجب ۽ غير واجب اڻپور لکو.

$\frac{12}{15}$, $\frac{14}{13}$, $\frac{1}{3}$, $\frac{8}{1}$, $\frac{9}{9}$, $\frac{2}{5}$, $\frac{6}{1}$, $\frac{11}{7}$, $\frac{4}{3}$, $\frac{2}{9}$

واجب اڻپور	غير واجب اڻپور

3.4 اٽپورن جي ڀيٽ

"<"، ">" ۽ "=" جون نشانيون استعمال ڪندي هم ڇيد اٽپورن جي ڀيٽ ڪرڻ

اچو تہ هيٺين شڪلين جي رنگين حصن تي غور ڪريون.



$\frac{2}{3}$ $\frac{1}{3}$

هتي هر هڪ شڪل 3 برابر حصن ۾ ورهايل آهي.

اٽپور $\frac{1}{3}$ کي هڪ رنگين حصو آهي.

ڇاڪاڻ تہ 1 ننڍو آهي 2 کان

يا نشانين ۾ $2 > 1$

تنهنڪري $\frac{2}{3} > \frac{1}{3}$

ساڳي طرح، اسين چئي سگهون ٿا $\frac{1}{3} < \frac{2}{3}$

ڇو جو $1 < 2$ ۽ ٻنهي اٽپورن کي ساڳيا ڇيد آهن.



$\frac{3}{4}$ $\frac{3}{4}$

هتي هر هڪ شڪل 4 برابر حصن ۾ ورهايل آهي.

ٻنهي اٽپورن ۾ چار حصن مان 3 حصا رنگين آهن.

ڇاڪاڻ تہ 3 برابر آهي 3 جي يا $3 = 3$

تنهنڪري $\frac{3}{4} = \frac{3}{4}$

> جيڪڏهن ٻن اٽپورن جا ڇيد ساڳيا آهن، تہ وڏي انس وارو اٽپور وڏو اٽپور هوندو.

استاد لاءِ هدايت

استاد کي گهرجي تہ شاگردن کي شڪلين ذريعي اٽپورن جي ڀيٽ سمجهڻ ۾ مدد ڪري ۽ نشانيون "<"، ">" ۽ "=" استعمال ڪري.

اسين نشانين ذريعي اٽپورن کي ڀيٽيون ٿا.

’=‘ برابر آهي	’>‘ وڏو آهي	’<‘ ننڍو آهي
$\frac{2}{9} = \frac{2}{9}$	$\frac{7}{8} > \frac{5}{8}$	$\frac{1}{4} < \frac{3}{4}$
ساڳيا ڇيد	ساڳيا ڇيد	ساڳيا ڇيد

عملي ڪم

صحيح لاءِ ✓ ۽ غلط لاءِ ✗ نشان هڻو.

(1) $\frac{2}{5} < \frac{3}{5}$ ✓ (2) $\frac{1}{8} > \frac{3}{8}$ ☐

(3) $\frac{11}{12} = \frac{5}{12}$ ☐ (4) $\frac{7}{13} = \frac{7}{13}$ ☐

مشق 28

(الف) هيٺين مان واجب اٽپورن تي گول لڳايو.

(1) $\frac{2}{3}$ (2) $\frac{3}{5}$ (3) $\frac{7}{5}$ (4) $\frac{5}{1}$

(5) $\frac{4}{9}$ (6) $\frac{3}{2}$ (7) $\frac{11}{7}$ (8) $\frac{9}{9}$

(ب) ”<“، ”>“ يا ”=“ استعمال ڪندي هيٺيان خال ڀريو.

(1) $\frac{1}{6}$ ☐ $\frac{3}{6}$ (2) $\frac{3}{5}$ ☐ $\frac{2}{5}$ (3) $\frac{2}{8}$ ☐ $\frac{4}{8}$

(4) $\frac{7}{9}$ ☐ $\frac{6}{9}$ (5) $\frac{2}{7}$ ☐ $\frac{2}{7}$ (6) $\frac{8}{10}$ ☐ $\frac{5}{10}$

(7) $\frac{3}{9}$ ☐ $\frac{4}{9}$ (8) $\frac{5}{6}$ ☐ $\frac{2}{6}$ (9) $\frac{7}{11}$ ☐ $\frac{7}{11}$

3.5 اٹپورن جو جوڙ

هم چيد اٹپورن جو جوڙ ڪرڻ

شروعات ڪندڙ:

اٹپورن جي جوڙ ڪاغذن ڪي ويڙهڻ واري سرگرمي تحت ڪري ڏيکاريو. ٻارن کي مشاهدو ڪرڻ ڏيو تہ اڌ ۽ اڌ جو جوڙ سجو، چوٿ ۽ چوٿ جو جوڙ اڌ ٿيندو آهي.

استاد ڪجھ مثال بورڊ تي لکندو ۽ ٻارن کي سمجهائيندو تہ جيڪڏهن چيد ساڳيو هجي تہ انهن کي جوڙ ڪيئن ڪجي.

جڏهن اسين هم چيد اٹپورن جو جوڙ ڪنداسين تہ اسين رڳو انهن جا انس جوڙ ڪنداسين.

انهيءَ ڪري $\dfrac{\text{انسن جو جوڙ}}{\text{چيد}}$ ⇨ ٻن هم چيد اٹپورن جو جوڙ

مثال: جوڙ ڪريو $\dfrac{4}{8} + \dfrac{3}{8}$

حل: $\dfrac{4}{8} + \dfrac{3}{8} = \dfrac{3+4}{8} = \boxed{\dfrac{7}{8}}$

عملي ڪم

حل ڪريو.

(1) $\dfrac{1}{7} + \dfrac{4}{7} = \dfrac{1+4}{7} = \boxed{}$

(2) $\dfrac{4}{9} + \dfrac{3}{9} = \dfrac{4+3}{9} = \boxed{}$

(3) $\dfrac{3}{11} + \dfrac{5}{11} = \dfrac{3+5}{11} = \boxed{}$

شڪلين ذريعي اٽپورن جو جوڙ ڏيکارڻ

اچو تہ لاڳاپيل حصن کي رنگ ڪري اٽپورن جو جوڙ ڪريون.

مثال1: $\frac{1}{4}$ ۽ $\frac{2}{4}$ جوڙ ڪريو.

حل: هيٺ ڏنل اٽپورن جي شڪلين کي ڏسو.



$$\frac{1}{4} + \frac{2}{4} = \frac{1+2}{4} = \frac{3}{4}$$

يعني، هڪ چوٿائي ۽ ٻہ چوٿائي ملي ڪري ٽي چوٿائي ٿيندا.

عملي ڪم اٽپورن جي شڪلين کي رنگ ڪري $\frac{3}{9}$ ۽ $\frac{5}{9}$ جوڙ ڪريو.



$$\frac{3}{9} + \frac{5}{9} = \frac{8}{9}$$

پهرين 3 حصن کي رنگ ڪريو.	پوءِ 5 حصن کي رنگ ڪريو.	ڪُل رنگين حصا 8 = 3+ 5

اهڙي طرح $\frac{3}{9} + \frac{5}{9} = \frac{3+5}{9} = \frac{8}{9}$

استاد لاءِ هدايت

اُستاد کي گهرجي تہ شاگردن کي هم جيد اٽپورن جي جوڙ ڪرڻ ۾ شاگردن جي مدد ڪري.

اٽـپور

مشق 29

(الف) هيٺيان حل ڪريو.

(1) $\frac{1}{3}+\frac{1}{3}$ (2) $\frac{1}{5}+\frac{3}{5}$ (3) $\frac{2}{4}+\frac{1}{4}$ (4) $\frac{3}{6}+\frac{2}{6}$

(5) $\frac{2}{7}+\frac{4}{7}$ (6) $\frac{3}{8}+\frac{4}{8}$ (7) $\frac{5}{9}+\frac{4}{9}$ (8) $\frac{3}{11}+\frac{6}{11}$

(9) $\frac{3}{15}+\frac{10}{15}$ (10) $\frac{11}{18}+\frac{6}{18}$ (11) $\frac{1}{14}+\frac{12}{14}$ (12) $\frac{9}{20}+\frac{10}{20}$

(ب) جوڙ ڪريو.

(1) $\frac{3}{7}$ ۽ $\frac{2}{7}$ (2) $\frac{4}{12}$ ۽ $\frac{5}{12}$ (3) $\frac{6}{15}$ ۽ $\frac{7}{15}$

(ج) شڪلين ذريعي هيٺيان اٽپور جوڙ ڪريو.

(1) $\frac{2}{5}+\frac{1}{5}$ (2) $\frac{3}{7}+\frac{5}{7}$ (3) $\frac{8}{10}+\frac{1}{10}$

(4) $\frac{1}{12}+\frac{1}{12}$ (5) $\frac{6}{13}+\frac{3}{13}$ (6) $\frac{7}{15}+\frac{4}{15}$

3.6 اڻپورن جي ڪٽ

هم ڇيد اڻپورن جي ڪٽ ڪرڻ

شروعات ڪندڙ: استاد ڏنل مثالن کي بورڊ تي لکي ۽ وضاحت ڪري ته جڏهن اڻپور جا ڇيد ساڳيا هجن ته ان کي ڪٽ ڪيئن ڪجي.

هم ڇيد اڻپورن جي ڪٽ ڪرڻ لاءِ اسين رڳو انهن جا انس ڪٽ ڪنداسين.

انهي ڪري $\dfrac{\text{انسن جي ڪٽ}}{\text{ڇيد}}$ ⇐ ٻن هم ڇيد اڻپورن جي ڪٽ

مثال 1: $\frac{3}{4}$ مان $\frac{3}{4}$ ڪٽ ڪريو.

حل: $\frac{3}{4} - \frac{3}{4} = \frac{3-3}{4} = \frac{0}{4} = 0$

عملي ڪم حل ڪريو.

(1) $\frac{3}{4} - \frac{2}{4} = \frac{3-2}{4} = \square$

(2) $\frac{6}{7} - \frac{1}{7} = \frac{6-1}{7} = \square$

(3) $\frac{11}{12} - \frac{5}{12} = \frac{11-5}{12} = \square$

اڻپورن جي ڪٽ شڪلين ذريعي ڏيکارڻ

اچو ته، لاڳاپيل حصن کي رنگ ڪندي، ٻن اڻپورن جي ڪٽ ڪريون.

مثال 1: $\frac{3}{5}$ مان $\frac{2}{5}$ کي ڪٽ ڪريو.

حل: ڏنل اڻپورن جي شڪلين کي ڏسو.



$\frac{3-2}{5} = \frac{1}{5}$

يعني، جڏهن $\frac{3}{5}$ مان $\frac{2}{5}$ ڪٽ ٿيندا ته اسين $\frac{1}{5}$ حاصل ڪنداسين.

مشق 30

1. هيٺيان حل ڪريو

(i) $\frac{2}{3} - \frac{1}{3}$ (ii) $\frac{4}{5} - \frac{2}{5}$ (iii) $\frac{5}{6} - \frac{4}{6}$

(iv) $\frac{6}{8} - \frac{3}{8}$ (v) $\frac{5}{7} - \frac{3}{7}$ (vi) $\frac{7}{9} - \frac{5}{9}$

(vii) $\frac{8}{10} - \frac{3}{10}$ (viii) $\frac{9}{13} - \frac{5}{13}$ (ix) $\frac{6}{11} - \frac{1}{11}$

(x) $\frac{10}{12} - \frac{3}{12}$ (ix) $\frac{13}{15} - \frac{12}{15}$ (xii) $\frac{15}{18} - \frac{10}{18}$

2. ڪٽ ڪريو.

(I) $\frac{2}{4}$ مان $\frac{1}{4}$ (ii) $\frac{13}{14}$ مان $\frac{2}{14}$ (iii) $\frac{17}{19}$ مان $\frac{16}{19}$

3. هيٺيان حل ڪريو ۽ شڪليون ٺاهيو.

(i) $\frac{5}{7} - \frac{3}{7}$ (ii) $\frac{8}{9} - \frac{1}{9}$ (iii) $\frac{4}{10} - \frac{3}{10}$

(iv) $\frac{12}{13} - \frac{5}{13}$ (v) $\frac{9}{11} - \frac{5}{11}$ (vi) $\frac{10}{17} - \frac{4}{17}$

(vii) $\frac{13}{25} - \frac{7}{25}$ (viii) $\frac{16}{17} - \frac{15}{19}$ (ix) $\frac{11}{15} - \frac{8}{15}$

يونٽ 4

پيمائش

4.1 ڊيگهه

اسين ڊيگهه ۽ ڊيگهه جي ايڪن يعني ميٽر ۽ سينٽي ميٽر جي بابت سکي چڪا آهيون.

ڊيگهه جا معياري ايڪا (ڪلوميٽر، ميٽر ۽ سينٽي ميٽر) علامتن سان گڏ پڙهڻ

ڊيگهه جا ايڪا اُوچائي، ويڪرائي، اُونهائي، ڊيگهه ۽ مفاصلو ماپڻ لاءِ استعمال ٿيندا آهن. بين الاقوامي معياري ايڪن جي نظام ۾ ڊيگهه جو بنيادي ايڪوميٽر آهي. ان کي **m** سان ظاهر ڪبو آهي. اسين ننڍي ڊيگهه لاءِ سينٽي ميٽر، وڏي ڊيگهه لاءِ ميٽر ۽ ڊگهي مفاصلي لاءِ ڪلوميٽر استعمال ڪندا آهيون. ڪلو ميٽر لاءِ "**km**"، ميٽر لاءِ "**m**" ۽ سينٽي ميٽر لاءِ "**cm**" جون نشانيون استعمال ٿيندريون آهيون.

عملي ڪم ڊيگهه جي صحيح ايڪي تي رنگ ڪريو.

جبل جي اُوچائي



cm m km

وڻ جي اوچائي

cm m km

ماڪوڙي



cm m km

دروازي جي اُوچائي



cm m km

قلم جي ڊيگهه



cm m km

قليلي واهه جي ويڪرائي



cm m km

ڪراچي کان سکر تائين مفاصلو

cm m km

استاد لاءِ هدايت

اُستاد کي گهرجي ته شاگردن کي ڊيگهه جي معياري ايڪن ۽ انهن جي نشانين جو ڏوڙ ڪرائي.

ڊيگهه جي معياري ايڪن کي ماپڻ ۽ نشانين ۾ لکڻ

ڪلوميٽر، ميٽر ۽ سينٽي ميٽر



هن پٽيءَ جي ڊيگهه 10 سينٽي ميٽر آهي.
اهڙيون 10 پٽيون ناهيو ۽ انهن کي گڏ ڳنڍيو.
اوهان جي نئين پٽي جي ڊيگهه هڪ ميٽر (m) آهي.

100 سينٽي ميٽر = 1 ميٽر

اوهان پنهنجي ڪلاس جي بينچ جي ڊيگهه ۽ اُوچائي ۽ دروازي جي اوچائي ماپڻ لاءِ اوهان پنهنجي ميٽر پٽيءَ جو استعمال ڪريو.
هاڻي فرض ڪريو توهان 1000 ميٽر پٽيون ناهيون آهن۽ انهن کي اوهان گڏ ڳنڍيو ٿا. ان ريت اوهان جي نئين پٽي جي ڊيگهه 1 ڪلوميٽر (km) هوندي.

1000 ميٽر = 1 ڪلوميٽر

نوٽ: ڪلوميٽر ڊگهي مفاصلي کي ماپڻ لاءِ استعمال ٿيندو آهي.

سکر ۽ ڪراچي جي وچ ۾ مفاصلو 490 km آهي.

سکر

ڪراچي

استاد لاءِ هدايت

اُستاد کي گهرجي ته شاگردن کي ڊيگهه جو صحيح ايڪو استعمال ڪرڻ ۾ مدد ڪري.

مشق 31

(1) هيٺين جي ڊيگهه، ماپ ڪريو ۽ لکو.

(i)  6 سينٽي ميٽر

(ii)

______

(iii) ______

(iv) ______

(v) ______

(2) صحيح جواب تي (✓) ۽ غلط جواب تي (✗) نشان لڳايو.

(i)

جي ڊيگهه ميٽرن ۾ ماپ ڪبي آهي. [✗]

(ii) جي ڊيگهه ميٽرن ۾ ماپ ڪبي آهي. [ ]

(iii) ڪراچي

ڪان
حيدرآباد

جو مفاصلو ڪلوميٽرن ۾ ماپبو.

(iv)

جي ڊيگهه سينٽي ميٽرن ۾ ماپبي

(v)

جي اوچائي ڪلو ميٽرن ۾ ماپبي

(vi)

جي ڊيگهه سينٽي ميٽرن ۾ ماپبي

(3) سينٽي ميٽر، ميٽر ۽ ڪلوميٽر جا لفظ استعمال ڪندي خال ڀريو.

(i) اوهان جي سائنس جي ڪتاب جي ڊيگهه ______ ۾ ماپ ڪبي.

(ii) چاڪ جي ڊيگهه______ ۾ ماپ ڪبي.

(iii) توهان جي رنگ واري پينسل جي ڊيگهه______ ۾ ماپ ڪبي.

(iv) توهان جي ڪلاس جي ڪمري جي دريءَ جي ڊيگهه______ ۾ ماپ ڪبي.

(v) توهان جي ڪلاس جي ڪمري جي دروازي جي ڊيگهه______ ۾ ماپبي.

يونٽ 4 پيمائش (ڊيگهه)

ڊيگهه جي ايڪن جو جوڙ

ڊيگهه جي ساڳين ايڪن جي ماپن جو جوڙ ڪرڻ ۽ نشانين ۾ لکڻ

پهريائين سکون ته ڊيگهه جي ساڳين ايڪن جو جوڙ (انگ ٽپائڻ يا بنا انگ ٽپائڻ) ڪيئن ڪجي.

مثال: هيٺيان جوڙ ڪريو.

(1) 3 ميٽر + 4 ميٽر

حل:

ميٽر
3
+ 4
7

انهيءَ ڪري جوڙ اپت 7 ميٽر آهي.

(2) 15 ڪلو ميٽر + 36 ڪلو ميٽر

حل:

ڪلو ميٽر
①3 6
+ 1 5
5 1

انهيءَ ڪري جوڙ اپت 51 ڪلو ميٽر آهي.

مشق 32

(الف) هيٺيان جوڙ ڪريو.

(1)

سينٽي ميٽر
6 7
+2 1

(2)

ميٽر
3 7
+ 8 5

(3)

ڪلو ميٽر
2 8
+1 5

(4)

ميٽر	سينٽي ميٽر
11	33
+ 1	41

(5)

ميٽر	سينٽي ميٽر
8	6 8
+ 6	3 1

(6)

ڪلو ميٽر	ميٽر
35	515
+12	436

(ب) هيٺيان جوڙ ڪريو.

(1) 66 سينٽي ميٽر ۽ 23 سينٽي ميٽر (2) 18 ميٽر ۽ 9 ميٽر

(3) 18ڪلو ميٽر ۽ 23 ڪلو ميٽر (4) 44 ميٽر 5 سينٽي ميٽر ۽ 78 ميٽر 30 سينٽي ميٽر

ڊيگهه جي ساڳين ايڪن جي جوڙ سان واسطو رکندڙ روزمره زندگيءَ جا حساب حل ڪرڻ (انگ ٽپائڻ سان يا بنا انگ ٽپائڻ جي)

مثال 1:

علي ڪراچي کان رحيم يارخان ويو. هِن ريل گاڏيءَ سان 756 ڪلوميٽر ۽ بس سان 35 ڪلوميٽرن جو سفر طئي ڪيو. ٻڌايو ته هن ڪل ڪيترو سفر ڪيو؟

حل:

ريل گاڏيءَ سان سفر ڪيو

بس سان سفر ڪيو

ڪلوميٽر

	ڪلوميٽر
ريل گاڏيءَ سان سفر ڪيو	7 [1]5 6
بس سان سفر ڪيو	+ 3 5
	7 9 1

علي ڪُل 791 ڪلوميٽرن جو سفر ڪيو

مشق 33

(1) هڪ گهر ۾ بجلي رسائڻ لاءِ 65 سينٽي ميٽر ۽ 38 سينٽي ميٽرن جون ڊگهيون تارون ڪپن ٿيون. گهربل تار جي ڪُل ڊيگهه معلوم ڪريو.

(2) هڪ دُوڪاندار پنهنجي دُوڪان لاءِ 240 ميٽر سائو ۽ 105 ميٽر نيلو ڪپڙو خريد ڪيو. ٻڌايو ته خريد ڪيل ڪپڙي جي ڪُل ڊيگهه ڇا آهي؟

(3) ڏنل شڪل ۾ ڪراچي کان حيدرآباد ۽ حيدرآباد کان مورو تائين مفاصلو ڏيکاريل آهي. ڪراچي کان مورو تائين مفاصلو معلوم ڪريو.



(4) ڏنل شڪل ۾ اياز هر روز گهر کان باغ، باغ کان مارڪيٽ ۽ مارڪيٽ کان اسڪول تائين مفاصلو طئي ڪري ٿو. ٻڌايو ته هو ڪُل ڪيترو مفاصلو طئي ڪري ٿو؟



ڊيگهه جي ساڳين ايڪن جي ماپن جي ڪٽ ڪرڻ (اُڌار وٺڻ سان ۽ بنا اُڌار وٺڻ جي)

مثال: 95 سينٽي ميٽر مان 45 سينٽي ميٽر ڪٽ ڪريو.

حل:

سينٽي ميٽر
```
  9 5
– 4 5
-----
  5 0
```

اهڙيءَ طرح فرق 50 سينٽي ميٽر آهي.

عملي ڪم

786 ميٽر مان 435 ميٽر ڪٽ ڪريو.

ميٽر
```
  7 8 6
– 4 3 5
-------

-------
```

اهڙيءَ طرح فرق ☐ آهي.

مشق 34

(الف) حل ڪريو.

(1) سينٽي ميٽر
```
  8 1
– 4 2
-----

-----
```

(2) ڪلو ميٽر
```
  4 8
– 1 9
-----

-----
```

(3) ميٽر
```
  2 6
–   8
-----

-----
```

(4)

ڪلو ميٽر	ميٽر
39	80
–17	48

(5)

ڪلو ميٽر	ميٽر
44	72
–26	50

(6)

ڪلو ميٽر	ميٽر
58	465
–29	287

(ب) هيٺيان ڪٽ ڪريو.

(1) 76 سينٽي ميٽرن مان 36 سينٽي ميٽر

(2) 12 ميٽرن مان 9 ميٽر

(3) 95 ڪلوميٽرن مان 88 ڪلو ميٽر

(4) 680 ميٽرن مان 494 ميٽر

(5) 936 ڪلو ميٽر ۽ 324 ميٽرن مان 864 ڪلو ميٽر ۽ 150 ميٽر

ڊيگهه جي ساڳين ايڪن سان واسطو رکندڙ روزمره زندگيءَ جا ڪٽ جا لفظي حساب (اُڌار وٺڻ سان ۽ بنا اُڌار وٺڻ جي)

عملي ڪم

هڪ دُڪاندار 33 ميٽر ڪپڙي جي ٿانَ مان 24 ميٽر ڪپڙو وڪيو. ٻڌايو ته ٿانَ ۾ ڪيترو ڪپڙو باقي بچيو؟

حل:

	ميٽر
ڪُل رکيل ڪپڙو	3 3
وڪيل ڪپڙو	– 2 4
بچيل ڪپڙو	

اهڙي طرح باقي بچيل ڪپڙو ☐ ميٽر آهي.

مشق 35

(1) هڪ اليڪٽريشن اسڪول جي هڪ ڪمري ۾ پکو لڳائڻ لاءِ 50 ميٽر تار جي ويڙهي مان 35 ميٽر تار استعمال ڪئي. ٻڌايو ته ويڙهي ۾ ڪيتري تار باقي بچي؟



(2) شازيه 72 سينٽي ميٽر زري خريد ڪئي. هِن هڪ قميص سينگارڻ لاءِ 47 سينٽي ميٽر زري استعمال ڪئي. ٻڌايو ته هِن وٽ ڪيتري زري باقي بچي؟



(3) درزي هڪ پوشاڪ تي نمونو ناهڻ لاءِ 1160 ميٽرن مان 466 ميٽر ربن استعمال ڪئي. ٻڌايو ته رِيل ۾ ڪيتري ربن باقي بچي؟

(4) اظهر جي اوچائي 1 ميٽر 22 سينٽي ميٽر آهي ۽ هن جي والد جي اُوچائي 2 ميٽر 50 سينٽي ميٽر آهي. ٻڌايو ته هن جو والد هن کان ڪيترو ڊگهو آهي؟



4.2 مايي يا وزن جا ايڪا

مايي يا وزن جا معياري ايڪا (گرام ۽ ڪلوگرام) بشمول نشانين سان گڏ پڙهڻ

اسين سڪي چڪا آهيون ته هلڪين شين جهڙوڪ: ننڍي پيپرڪلپ، ٽافيون، ڳاڙها مرچ ۽ چانهه جي پتي وغيره جو وزن (مايو) گرامن (g) ۾ ماپيو ويندو آهي. شين جي وڏي مقدار جهڙوڪ: سيمينٽ، ڪڻڪ، اٽو وغيره جي ماپ ڪلو گرام (kg) ۾ ڪبي آهي.

وزن جو معياري ايڪو ڪلو گرام (kg) آهي، جيڪو 1000 گرام جي برابر آهي.

1000 گرام = 1ڪلو گرام

روزمره جي زندگي ۾ گهڻو ڪري دُڪاندار هينيان وزن استعمال ڪندا آهن.



مايي يا وزن جا معياري ايڪا ماپ ڪرڻ ۽ لکڻ نشانين سان گڏ.

عملي ڪم هينين شين جو وزن ڪرڻ لاءِ وزن جي مناسب ايڪن کي رنگ ڪريو.

ٽوٿ پيسٽ g / kg	لوهه جي سيخ g / kg	منهن جي ڪريم g / kg
چانور g / kg	بسڪوٽ جو پُڙو g / kg	منڊي  g / kg

استاد لاءِ هدايت

اُستاد کي گهرجي ته شاگردن کي مايي يا وزن جي معياري ايڪن ۽ انهن جي نشانين جو دؤر ڪرائي.

مشق 36

(1) هينين شين لاءِ مايي جو دُرست ايڪو گرام (g) يا ڪلو گرام (kg) پڙهو. هر هڪ ۾ درست ايڪي کي رنگ ڪريو.

(i)

kg g

(ii)

kg g

(iii)

kg g

(iv)

kg g

(v)

kg g

(vi)

kg g

(vii)

kg g

(viii)

kg g

(2) گرام يا ڪلوگرام استعمال ڪندي هينيان خال ڀريو.

(i) هڪ صوف جو وزن <u>گرام</u> ۾ ماپبو آهي.
(ii) سِرَ جو وزن ـــــ ۾ ماپبو آهي.
(iii) موبائيل فون جو وزن ـــــ ۾ ماپبو آهي.
(iv) ڪاٺ جي بُنڊ جو وزن ـــــ ۾ ماپبو آهي.
(v) ڳچيءَ جي هار جو وزن ـــــ ۾ ماپبو آهي.
(vi) ٽوپيءَ جو وزن ـــــ ۾ ماپبو آهي.

(3) هيٺين شين لاءِ مايي جي صحيح ايڪي تي (✓) نشان لڳايو.

(i)

5 g ✓
5 kg

(ii)

3 g
3 kg

(iii)

1 g
1 kg

(iv)

450 g
450 kg

(v)

6 g
6 kg

(vi)

500 g
500 kg

(vii)

300 g
300 kg

(viii)

38 g
38 kg

(ix)

25 g
25 kg

مايي يا وزن جي ماپن کي ساڳين ايڪن ۾ جوڙ ڪرڻ
(انگ ٽپائڻ سان يا بنا انگ ٽپائڻ جي)

مثال: هيٺيان جوڙ ڪريو.

(1) 210 گرام + 320 گرام

حل:

گرام
320
+210
530

(2) 3577 ڪلوگرام + 3399 ڪلوگرام

حل:

ڪلو گرام
(1)(1)
3399
+ 3577
6976

مشق 37

(الف) حل ڪريو.

(1)
290 g
+ 305 g
______

(2)
504g
+ 313g
______

(3)
325 g
+ 477 g
______

(4)
35 kg
+ 46 kg
______

(5)
1214 kg
+ 2453 kg
______

(6)
2396 kg
+ 5725 kg
______

(ب) هيٺين جي جوڙ اُپت معلوم ڪريو.

(1) 200 گرام + 350گرام

(2) 758 ڪلو گرام + 265 ڪلو گرام

(3) 375 گرام + 900 گرام

(4) 485 گرام + 7312 گرام

مايي يا وزن جي ساڳين ايڪن سان واسطو رکندڙ روزمره جي زندگيءَ جا جوڙ جا حساب حل ڪرڻ (انگ ٽپائڻ ۽ بنا انگ ٽپائڻ)

مثال 1: ريحانہ وٽ برنيءَ ۾ 678 گرام کنڊ آهي. هيءَ اِن ۾ 245 گرام وڌيڪ کنڊ وجهي ٿي. برنيءَ ۾ کنڊ جو ڪُل مقدار معلوم ڪريو.

حل:

	گرام
برنيءَ ۾ موجود کنڊ	¹6 ¹7 8
ملايل کنڊ	+2 4 5
ڪُل مقدار	9 2 3

برنيءَ ۾ کنڊ جو ڪُل مقدار 923 گرام آهي.

مشق 38

(1) اسلم 250 گرام ڪارا مرچ ۽ 350 گرام ڳاڙها مرچ بورچي خاني لاءِ خريد ڪيا. ٻنهي مصالحن جو ڪُل وزن معلوم ڪريو.

(2) اتي جي ٻن ٿيلهن جو ڪل وزن معلوم ڪريو، جيڪڏهن هرهڪ ٿيلهي جو وزن 10 ڪلوگرام آهي.

(3) ڪشور هڪ هفتي لاءِ 2 ڪلوگرام ٽماٽا، 5 ڪلوگرام بصر ۽ 6 ڪلوگرام گوبي خريد ڪري ٿو. سيني ڀاڄين جو ڪُل وزن معلوم ڪريو.

(4) عمران سومر تي 28 ڪلوگرام ڪپهه خريد ڪئي ۽ اڱاري تي 31 ڪلوگرام ڪپهه خريد ڪئي. خريد ڪيل ڪپهه جو ڪُل مقدار لهو.

يونٽ 4

پيمائش (مايو / وزن)

مايي يا وزن جي ماپن جي ساڱين ايڪن جي ڪٽ ڪرڻ
(اُڌار وٺڻ سان ۽ بنا اُڌار وٺڻ جي)

مثال 1: هيٺيان ڪٽ ڪريو.

(i) 578 گرام مان 342 گرام

حل:

$$\begin{array}{r} 578g \\ -\ 342g \\ \hline \\ \hline \end{array} \rightarrow \begin{array}{r} 578g \\ -\ 342g \\ \hline 236g \\ \hline \end{array}$$

(ii) 5302 ڪلو گرام مان 3415 ڪلو گرام

حل:

$$\begin{array}{r} 5302kg \\ -\ 3415kg \\ \hline \\ \hline \end{array} \rightarrow \begin{array}{r} {\scriptstyle 4\ 12\ 9\ 12} \\ \not{5}\not{3}\not{0}\not{2}\ kg \\ -\ 3415\ kg \\ \hline 1887\ kg \\ \hline \end{array}$$

مشق 39

(الف) ڪٽ ڪريو.

(1)
$$\begin{array}{r} 32\ kg \\ -\ 31\ kg \\ \hline \\ \hline \end{array}$$

(2)
$$\begin{array}{r} 496\ g \\ -\ 382\ g \\ \hline \\ \hline \end{array}$$

(3)
$$\begin{array}{r} 812\ g \\ -\ 653\ g \\ \hline \\ \hline \end{array}$$

(4)
$$\begin{array}{r} 724\ kg \\ -\ 345\ kg \\ \hline \\ \hline \end{array}$$

(5)
$$\begin{array}{r} 823\ kg \\ -\ 712\ kg \\ \hline \\ \hline \end{array}$$

(6)
$$\begin{array}{r} 986\ g \\ -\ 397\ g \\ \hline \\ \hline \end{array}$$

(ب) ڪٽ ڪريو.

(1) 600 گرام مان 348 گرام
(2) 428 گرام مان 175 گرام
(3) 345 گرام مان 125 گرام
(4) 20 ڪلو گرام مان 12 ڪلو گرام
(5) 370 گرام مان 150 گرام
(6) 200 ڪلو گرام مان 20 ڪلو گرام

مايي يا وزن جي ساڳين ايڪن سان واسطو رکندڙ روزمره زندگيءَ جا ڪٿ جا لکتي حساب حل ڪرڻ (اُڏار سان ۽ بنا اُڏار جي)

مثال1: سليم بازار مان 800 گرام چانور خريد ڪيا. هن جي ڪٽنب 450 گرام چانور استعمال ڪيا. ٻڌايو تہ چانورن جو ڪيترو مقدار باقي بچيو؟

حل:

	گرام
خريد ڪيل چانورن جو وزن	800 (⑦ ⑩)
استعمال ڪيل چانورن جو وزن	− 450
بچيل چانورن جو وزن	350

تنهنڪري بچيل چانورن جو وزن 350 گرام آهي.

مشق 40

(1) هڪ واپاريءَ وٽ 68 ڪلوگرام بصر هو. هُن هڪ ڏينهن ۾ 52 ڪلوگرام بصر وڪرو ڪيو. ٻڌايو تہ باقي گهڻو بصر هُن وٽ بچيو؟

(2) هڪ شخص شادي جي موقعي لاءِ 250 ڪلوگرام چانور خريد ڪيا، جنهن مان 150 ڪلوگرام چانور استعمال ٿيا. ٻڌايو تہ چانورن جو ڪيترو مقدار باقي بچيو؟

(3) هڪ بنگلي جي تعمير لاءِ 5000 ڪلوگرام لوهہ خريد ڪيو، جنهن مان 3550 ڪلوگرام لوهہ استعمال ٿيو. گهڻو لوهہ باقي بچيو؟

(4) فرحان 8 ڪلوگرام انب خريد ڪيا. هُن جي ياءُ اڪرام 30 ڪلوگرام انب خريد ڪيا. ٻڌايو تہ ڪنهن وڌيڪ ۽ ڪيترو وڌيڪ انب خريد ڪيو؟

4.3 مقدار يا گنجائش

اسين گنجائش جي باري ۾ سکي چُڪا آهيون تہ گنجائش پاڻياٺ جي اُها مقدار آهي، جيڪا ڪنهن ٿانءَ ۾ اچي سگهي. اسان کي خبر آهي تہ گنجائش جو معياري ايڪو لٽر آهي، جنهن کي "ℓ" سان ظاهر ڪبو آهي.

گنجائش جا ايڪا

گنجائش جا معياري ايڪا (لٽر ۽ ملي لٽر) نشانين سان گڏ پڙهڻ

گنجائش جا معياري ايڪا لٽر (ℓ) ۽ ملي لٽر (mℓ) آهن. پاڻياٺ جي وڏي مقدار جهڙوڪ واٽر ڪولر ۾ پاڻي يا وڏي بوتل ۾ تيل لٽرن ۾ ماپبو آهي. پاڻياٺ جي گهٽ مقدار جهڙوڪ پاڻي جو گلاس يا چانهہ جو پيالو، قلم ۾ مس ملي لٽرن ۾ ماپبي آهي. هڪ لٽر ۾ 1000 ملي لٽر هوندا آهن.

1 لٽر = 1000 ملي لٽر
يا
1000 mℓ = 1ℓ

عملي ڪم هيٺ ڏنل شين ۾ پاڻياٺ لاءِ مناسب ايڪن کي رنگ ڪريو.

mℓ ℓ

mℓ ℓ

mℓ ℓ

mℓ ℓ

mℓ ℓ

mℓ ℓ

mℓ ℓ

mℓ ℓ

استاد لاءِ هدايت
اُستاد کي گهرجي تہ گنجائش جي معياري ايڪن ۽ انهن جي نشانين جو دؤر ڪرائي.

گنجائش جي معياري ايڪن جي ماپ ڪرڻ ۽ لکڻ نشانين سان گڏ

عملي ڪم

هيٺين شين جي گنجائش پڙهو ۽ لکو.

(1)


20 litre

(2)


______ millilitre

(3)

______ litre

(4)


______ litre

(5)


______ millilitre

(6)


______ millilitre

(7)


______ litre

(8)


______ millilitre

(9)


______ millilitre

استاد لاءِ هدايت

اُستاد ڪي گهرجي تہ شاگردن کي گنجائش جا ايڪا ماپڻ سيکاري.

مشق 41

(الف) هيٺين کي ماپڻ لاءِ ڪهڙو ايڪو استعمال ٿيندو.

1

90 $m\ell$
900 $m\ell$
2900 $m\ell$

2

3 ℓ
30 ℓ
300 ℓ

3

50 $m\ell$
500 $m\ell$
5000 $m\ell$

(ب) پاڻيان جي مناسب مقدار لکو.

1. رضوانہ پنهنجو ڪمرو صاف ڪرڻ لاءِ بالٽيءَ ۾ پاڻي ڀريو. ٻڌايو تہ بالٽيءَ ۾ 9 لٽر يا 9 ملي لٽر پاڻي آهي.

9 لٽر

2. آبش پنهنجي ڪيڪ جي ترڪيب ۾ هڪ چانهہ جو چمچو وينيلا ملائي ٿي. ڇا هُن 5 لٽر يا 5 ملي لٽر وينيلا استعمال ڪئي؟



3. توهان جي اسڪول ۾ هڪ وڏي پاڻي جي ٽانڪي آهي. ٻڌايو تہ ٽانڪيءَ ۾ پاڻي جي گنجائش 100 لٽر يا 100 ملي لٽر آهي.

4. فرزانہ پنهنجي سالگرہ ۾ پنهنجي دوستن جي پيئڻ لاءِ جوس خريد ڪيو. جوس جي گنجائش 250 لٽر يا 250 ملي لٽر آهي.

5. علي هڪ چانهہ جو پيالو خريد ڪيو. پيالي ۾ 200 لٽر يا 200 ملي لٽر جي گنجائش آهي.



گنجائش جي ماپن کي ساڳين ايڪن ۾ جوڙ ڪرڻ (انگ تپائڻ سان ۽ بنا انگ تپائڻ جي)

مثال:

(1) 422 ملي لٽر + 330 ملي لٽر

حل:

ملي لٽر
330
+ 422
752

(2) 372 لٽر + 288 لٽر

حل:

لٽر
①①
372
+ 288
660

مشق 42

الف) حل ڪريو.

(1)
$$\begin{array}{r} 635\ ml \\ +\ 223\ ml \\ \hline \end{array}$$

(2)
$$\begin{array}{r} 562\ ml \\ +\ 458\ ml \\ \hline \end{array}$$

(3)
$$\begin{array}{r} 898\ \ell \\ +\ 101\ \ell \\ \hline \end{array}$$

(4)
$$\begin{array}{r} 729\ \ell \\ +\ 271\ \ell \\ \hline \end{array}$$

(5)
$$\begin{array}{r} 999\ ml \\ +\ 666\ ml \\ \hline \end{array}$$

(6)
$$\begin{array}{rr} \ell & ml \\ 3 & 218 \\ +\ 2 & 551 \\ \hline \end{array}$$

ب) جوڙ ڪريو.

(1) 320 ملي لٽر ۽ 175 ملي لٽر

(2) 608 لٽر ۽ 747 لٽر

(3) 340 ملي لٽر ۽ 5 لٽر 650 ملي لٽر

(4) 36 لٽر ۽ 23 لٽر 825 ملي لٽر

گنجائش جي ساڳين ايڪن سان واسطو رکندڙ روزمره زندگي جا جوڙ جا حساب (انگ ٽپائڻ ۽ بنا انگ ٽپائڻ ذريعي)

مثال: عبدالرحيم پنهنجي گاڏيءَ ۾ 20 لٽر ۽ هن جو پاءُ پنهنجي موٽر سائيڪل ۾ 5 لٽر پيٽرول پرائي ٿو. ٻڌايو ته ڪُل ڪيترو پيٽرول پرايو ويو؟

حل:

	لٽر
گاڏيءَ ۾ پيٽرول پرايو	20
موٽر سائيڪل ۾ پيٽرول پرايو	+ 5
ڪُل پيٽرول پرايو	25

اهڙيءَ طرح ڪل پيٽرول 25 لٽر آهي.

مشق 43

(1) اشرف صبح جو 250 ملي لٽر ۽ شام جو 200 ملي لٽر نارنگيءَ جو جوس پيتو. ٻڌايو ته هن سڄي ڏينهن ۾ ڪُل ڪيترا ملي لٽر جوس پيتو؟

(2) هڪ ڪير واري وٽ ٻه مينهون آهن. هڪ مينهن 15 لٽر ۽ ٻي مينهن 18 لٽر ڪير ڏي ٿي. ٻڌايو ته هو ٻنهي مينهن مان گهڻو ڪير حاصل ڪري ٿو؟

(3) ٽن پاڻيءَ جي ٽينڪرن جي گنجائش 1320 لٽر، 1215 لٽر ۽ 830 لٽر آهي. انهن ٽنهي ٽينڪرن جي ڪُل گنجائش معلوم ڪريو؟

(4) هڪ اسڪول ۾ ٻه پاڻيءَ جون ٽانڪيون آهن. سائي ٽانڪيءَ جي گنجائش 550 لٽر ۽ نيري رنگ جي ٽانڪيءَ جي گنجائش 375 لٽر آهي. ٻڌايو ته ٻنهي ٽانڪين جي پاڻيءَ جو ڪل مقدار ڪيترو آهي؟

ساڳين ايڪن ۾ گنجائش جي ماپن جي ڪٽ (اُڌارسان ۽ بنا اُڌار ذريعي)

مثال: ڪٽ ڪريو.

(1) 697 ml – 571 ml

حل:

ملي لٽر
697
– 571
126

(2) 6222 ℓ – 1684 ℓ

حل:

لٽر
5 11 11 12
6 2 2 2
–1 6 8 4
4 5 3 8

مشق 44

(الف) ڪٽ ڪريو.

(1) 375 ml – 250 ml = ____

(2) 723 ℓ – 259 ℓ = ____

(3) 5326 ℓ – 3152 ℓ = ____

(4) 553 ml – 312 ml = ____

(5) 944 ml – 856 ml = ____

(6) 700 ml – 685 ml = ____

(ب) ڪٽ ڪريو.

(1) 598 ملي لٽرن مان 483 ملي لٽر

(2) 1000 لٽرن مان 560 لٽر

(3) 630 ملي لٽرن مان 450 ملي لٽر

(4) 490 لٽرن مان 380 لٽر

گنجائش جي ساڳين ايڪن سان واسطو رکندڙ روزمره زندگيءَ جي ڪٽ جا لکتي حساب (اُڌارسان ۽ بنا اُڌار ذريعي)

مثال: هڪ کير واري وٽ 208 لٽر کير هو.
هُن هڪ ڏينهن ۾ 195 لٽر کير وڪيو. ٻڌايو
ته هُن وٽ باقي ڪيترو کير بچيو؟

حل:

	لٽر
ڪُل کير	208
وڪرو ڪيل کير	− 195
باقي بچيل کير	13

کير واري وٽ باقي 13 لٽر کير بچيو آهي.

مشق 45

(1) هڪ درزيءَ وٽ بوتل ۾ 550 ملي لٽر مشين جو تيل آهي. هڪ مهيني ۾ هو 220 ملي لٽر تيل استعمال ڪري ٿو. ٻڌايو ته ڪيترو تيل باقي بچيو؟

(2) ٽرڪ جي ٽانڪيءَ ۾ 240 لٽر تيل آهي. جنهن مان 198 لٽر تيل سفر ۾ استعمال ٿي ويو. ٻڌايو ته ٽانڪيءَ ۾ باقي گهڻو تيل بچيو؟

(3) هڪ ٽانڪيءَ ۾ 1200 لٽر پاڻي آهي، جنهن مان 1185 لٽر پاڻي استعمال ٿيو. ٻڌايو ته ٽانڪيءَ ۾ باقي گهڻو پاڻي بچيو؟

(4) کير جي ٽانون ۾ 1400 لٽر کير آهي. کير واري 750 لٽر کير وڪرو ڪيو. ٻڌايو ته ٽانون ۾ ڪُل ڪيترو کير بچيو؟

وقت

5.1 وقت جا ايڪا

اسين اِهو سکي چڪا آهيون تہ

- 1 ڪلاڪ = 60 منٽ
- 1 ڏينهن = 24 ڪلاڪ
- 1 هفتو = 7 ڏينهن
- 1 مهينو = 30 ڏينهن
- 1 سال = 12 مهينا

گهڙيال ۾ وقت آهي.

☐

عملي ڪم هيٺيان خال ڀريو.

(1) هڪ ڪلاڪ = ☐ منٽ

(2) ڪلاڪ جو چوٿو = ☐ منٽ

(3) اڌ ڪلاڪ = ☐ منٽ

(4) 1 ڏينهن = ☐ ڪلاڪ

(5) 2 ڏينهن = ☐ ڪلاڪ

(6) 3 هفتا = ☐ ڏينهن

(7) اڌ مهينو = ☐ ڏينهن

(8) 2 سال = ☐ مهينا

استاد لاءِ هدايت اُستاد کي گهرجي تہ شاگردن کي وقت جي ايڪن جو دؤر ڪرائي.

12 ڪلاڪن واري گھڙيءَ ۾ وقت ظاهر ڪرڻ لاءِ a.m ۽ p.m جو استعمال

شروعات: استاد بورڊ تي هڪ گھڙيال ناهي ۽ اهو وضاحت ڪري ته ڏينهن ڪي ٻن برابر حصن ۾ ورهايو ويو آهي. هر حصو 12 ڪلاڪن تي مشتمل آهي. استاد گھڙيال جي مدد سان اهو ڏيکاري ته هڪ ڏينهن پورو ٿيڻ ۾ ڪلاڪ واري ڪانٽي کي ٻه چڪر لڳائڻا پوندا آهن.

- ڪانٽن واري گھڙيءَ ۾ 12 عدد ڏيکاريل آهن.
- ڪلاڪ واري سُئي هڪ ڏينهن مڪمل ڪرڻ لاءِ 12 ڪلاڪن جا ٻه چڪر هڻي ٿي.
- هڪ ڏينهن 12 ڪلاڪن جي ٻن برابر حصن ۾ ورهايو ويو آهي.

12 وڳي اڌ رات کان 12 وڳي منجهند تائين وقت کي a.m چئبو آهي.	12 وڳي منجهند کان 12 وڳي اڌ رات تائين وقت کي p.m چئبو آهي.



مشق 46

(1) گھڙيءَ ۾ ڏيکاريل وقت a.m ۽ p.m ۾ لکو.

(i) صبح	(ii) شام	(iii) ٽپھري
6:15 a.m.		

(vi) اڌ رات کان پهرين

(v) شام

(iv) صبح سوير

(ix) رات

(viii) دير رات

(vii) ٽپهري

(2) ڏنل وقت کي **a.m** يا **p.m** ۾ لکو.

(i) صبح جا **8** لڳي **50** منٽ. اهو **8:50 a.m** آهي

(ii) شام جا پوڻا **4**. اهو ________ آهي

(iii) رات جا ساڍا**10**. اهو ________ آهي

(vi) اڌ رات جا پوڻا **2**. اهو ________ آهي

(v) صبح جا ساڍا **6**. اهو ________ آهي

(iv) صبح سوير جا پوڻا **4**. اهو ________ آهي

(3) هيٺين ۾ **a.m** ۽ **p.m** هٽائي برابر وقت لکو.

(i) 6:20 a.m. = صبح جا **6** لڳي **20** منٽ

(ii) 7:15 p.m. = ________

(iii) 6:30 a.m. = ________

(iv) 9:45 p.m. = ________

ڪانٽن واري گهڙيءَ ۽ ڊِجيٽل گهڙيءَ ۾ وقت پڙهڻ ۽ لکڻ

اچو تہ پهريان جيڪو گذريل ڪلاس ۾ پڙهيو آهي، ان جو دهرائي ڪريون.

ڊِجيٽل گهڙي	ڪانٽن واري گهڙي
04 : 10 چار - ڏهہ	 4 لڳي 10 منٽ
06 : 15 ڇهہ - پندرنهن	 6 لڳي 15 منٽ يا سوا 6
09 : 45 نو - پنجتاليهہ	 9 لڳي 45 منٽ يا پوڻا 10

عملي ڪم هيٺين مان هر هڪ گهڙي ۾ ڏنل وقت کي لکو.

جملا مڪمل ڪريو.	ڪانٽن واري گهڙي ۽ ڊِجيٽل گهڙي a.m ۽ p.m ۾ وقت ڏيکاريندي	
(i) آئون **8.00 a.m** تي اسڪول وڃان ٿو. (ii) آئون اسڪول مان ________ تي واپس اچان ٿو.	2:00 P.M	 8:00 a.m.
(i) آئون صبح جو ________ تي پنهنجا ڏند برش ڪندو آهيان. (ii) آئون منجهند جي ماني ____ تي ڪائيندو آهيان.	 2:30 p.m.	7:00 A.M
(i) آئون ناشتو ________ تي ڪندو آهيان. (ii) آئون رات جي ماني ____ تي ڪائيندو آهيان.	9:30 P.M	 7:30 a.m.

مشق 47

وقت پڙهو ۽ لکو.

(1)

12:55

12 لڳي 55 منٽ

(2)

(3)

(4)

(5) 9:25 A.M

(6) 11:30 A.M

(7) 3:40 P.M

(8) 5:15 P.M

ڪئليندر مان ڏينهن ۽ تاريخون پڙهڻ ۽ لکڻ.

اسين اڳيئي ڪئليندر ۾ مهينن جو تعداد ۽ نالا سکي آيا آهيون. شمسي ڪئليندر ۾ هڪ سال ۾ **365** ڏينهن هوندا آهن. اهو شمسي سال جيڪو **4** سان پورو ونڊيو وڃي، انهيءَ کي ليپ سال چئبو آهي. مثال طور **2000**، **2004**، **2008**، **2012**، **2016** ۽ **2020** ليپ سال آهن. هڪ ليپ سال ۾ **366** ڏينهن هوندا آهن. ليپ سال ۾ فيبروري جو مهينو **29** ڏينهن جو هوندو آهي. اچو ته ڪنهن خاص مهيني جو ڏينهن ۽ تاريخ پڙهڻ ۽ ٻڌائڻ سکون.

ماڊل ڪئليندر

جنوري

سومر	اڱارو	اربع	خميس	جمعو	ڇنڇر	آچر
*	*	1	2	3	4	5
6	7	8	9	10	11	12
13	14	15	16	17	18	19
20	21	22	23	24	25	26
27	28	29	30	31	*	*

فيبروري

سومر	اڱارو	اربع	خميس	جمعو	ڇنڇر	آچر
*	*	*	*	*	1	2
3	4	5	6	7	8	9
10	11	12	13	14	15	16
17	18	19	20	21	22	23
24	25	26	27	28	*	*

مارچ

سومر	اڱارو	اربع	خميس	جمعو	ڇنڇر	آچر
31	*	*	*	*	1	2
3	4	5	6	7	8	9
10	11	12	13	14	15	16
17	18	19	20	21	22	23
24	25	26	27	28	29	30

اپريل

سومر	اڱارو	اربع	خميس	جمعو	ڇنڇر	آچر
*	1	2	3	4	5	6
7	8	9	10	11	12	13
14	15	16	17	18	19	20
21	22	23	24	25	26	27
28	29	30	*	*	*	*

مئي

سومر	اڱارو	اربع	خميس	جمعو	ڇنڇر	آچر
*	*	*	1	2	3	4
5	6	7	8	9	10	11
12	13	14	15	16	17	18
19	20	21	22	23	24	25
26	27	28	29	30	31	*

جون

سومر	اڱارو	اربع	خميس	جمعو	ڇنڇر	آچر
30	*	*	*	*	*	1
2	3	4	5	6	7	8
9	10	11	12	13	14	15
16	17	18	19	20	21	22
23	24	25	26	27	28	29

جولاءِ

سومر	اڱارو	اربع	خميس	جمعو	ڇنڇر	آچر
*	1	2	3	4	5	6
7	8	9	10	11	12	13
14	15	16	17	18	19	20
21	22	23	24	25	26	27
28	29	30	31	*	*	*

آگسٽ

سومر	اڱارو	اربع	خميس	جمعو	ڇنڇر	آچر
*	*	*	*	1	2	3
4	5	6	7	8	9	10
11	12	13	14	15	16	17
18	19	20	21	22	23	24
25	26	27	28	29	30	31

سيپٽمبر

سومر	اڱارو	اربع	خميس	جمعو	ڇنڇر	آچر
1	2	3	4	5	6	7
8	9	10	11	12	13	14
15	16	17	18	19	20	21
22	23	24	25	26	27	28
29	30	*	*	*		*

آڪٽوبر

سومر	اڱارو	اربع	خميس	جمعو	ڇنڇر	آچر
*	*	1	2	3	4	5
6	7	8	9	10	11	12
13	14	15	16	17	18	19
20	21	22	23	24	25	26
27	28	29	30	31	*	*

نومبر

سومر	اڱارو	اربع	خميس	جمعو	ڇنڇر	آچر
*	*	*	*	*	1	2
3	4	5	6	7	8	9
10	11	12	13	14	15	16
17	18	19	20	21	22	23
24	25	26	27	28	29	30

ڊسمبر

سومر	اڱارو	اربع	خميس	جمعو	ڇنڇر	آچر
1	2	3	4	5	6	7
8	9	10	11	12	13	14
15	16	17	18	19	20	21
22	23	24	25	26	27	28
29	30	31	*	*		*

استاد لاءِ هدايت

اُستاد کي گهرجي ته شاگردن کي ڪئليندر جي باري ۾ سيڪاري ۽ ليپ سال جو تصور ٻڌائي.

ڪئليندر مان تاريخ هيٺين ريت لکي سگهجي ٿي.

سال. مهينو. ڏينهن يا سال / مهينو / ڏينهن يا سال – مهينو – ڏينهن

مثال: اسين 14 آگسٽ 1947 ڪي ائين لکي سگهون ٿا.

جيئن 14 آگسٽ 1947 يا 1947 – 08 – 14 يا 1947. 08. 14

عملي ڪم

ڪئليندر ڪي ڏسو.

سيپٽمبر

سومر	اڱارو	اربع	خميس	جمعو	ڇنڇر	آچر
1	2	3	4	5	6	7
8	9	10	11	12	13	14
15	16	17	18	19	20	21
22	23	24	25	26	27	28
29	30	*	*	*	*	*

(1) آچر واري ڏينهن کي رنگ ڪريو. — نيرو

(2) اربع واري ڏينهن کي رنگ ڪريو. — پيلو

(3) جمعي واري ڏينهن کي رنگ ڪريو. — سائو

(4) انين سيپٽمبر تي ڪهڙو ڏينهن آهي. سومر

(5) ٻارهين سيپٽمبر تي ڪهڙو ڏينهن آهي.

(6) ٽيويهين سيپٽمبر تي ڪهڙو ڏينهن آهي.

مشق 48

(الف) موجوده سال جي ڪئلينڊر ڪي ڏسو ۽ هيٺ ڏنل تاريخن جا ڏينهن لکو.

(1)	ٽيويهين مارچ	
(2)	يارهن سيپٽمبر	
(3)	ايڪٽيهه مارچ	
(4)	ڇهين سيپٽمبر	
(5)	ستاويهين اپريل	
(6)	نائين نومبر	

(ب) موجوده سال جي ڪئلينڊر ڪي ڏسو ۽ هيٺين سوالن جا جواب ڏيو.

(1) ٽيويهين مارچ تي ڪهڙو ڏينهن آهي؟ ________________________

(2) چوڏهن آگسٽ تي ڪهڙو ڏينهن آهي؟ __________________________

(3) جون جي مهيني ۾ ڪيترا جمعي جا ڏينهن آهن؟ ____________________

(4) اوهان جي سالگرهه جي ڏينهن جي تاريخ ڇا آهي؟ ☐ ☐ ☐

(5) **31** ڏينهن وارن مهينن جا نالا ٻڌايو.

____

____

(6) سال جو آخري ڏينهن ڪهڙو آهي؟ ___________________________

5.2 وقت جي ايڪن جو جوڙ

وقت جي ايڪن جو جوڙ ڪلاڪن ۾ ڪريو.

مثال: 5 ڪلاڪ ۽ 2 ڪلاڪ جوڙ ڪريو.

حل:

ڪلاڪ
5
+ 2
7

مشق 49

(الف) هيٺيان حل ڪريو.

(1)
ڪلاڪ
4
+ 3

(2)
ڪلاڪ
12
+ 17

(3)
ڪلاڪ
25
+ 16

(4)
ڪلاڪ
32
+ 18

(5)
ڪلاڪ
36
+ 25

(6)
ڪلاڪ
29
+ 38

(ب) جوڙ ڪريو.

(1) 32 ڪلاڪ ۽ 22 ڪلاڪ

(2) 14 ڪلاڪ ۽ 12 ڪلاڪ

(3) 117 ڪلاڪ ۽ 108 ڪلاڪ

(4) 125 ڪلاڪ ۽ 135 ڪلاڪ

(5) 385 ڪلاڪ ۽ 323 ڪلاڪ

(6) 480 ڪلاڪ ۽ 342 ڪلاڪ

وقت جي ايڪن سان واسطو رکندڙ روزمره جي زندگي ۾ جوڙ جا حساب (ڪلاڪن ۾) حل ڪرڻ

مثال 1:
جنوري ۾، نديم 26 ڪلاڪ هاڪي ۽ 13 ڪلاڪ ڪرڪيٽ ڪيڏي. هن مهيني ۾ ڪل ڪيترو وقت راند ڪيڏي؟

حل:

		ڪلاڪ
	هاڪي ڪيڏڻ جو وقت	26
	ڪرڪيٽ ڪيڏڻ جو وقت	+ 13
	ڪُل وقت	39

مشق 50

(1) بلال هڪ مهيني ۾ پنهنجي ڏاڏيءَ جي گهر 13 ڪلاڪ گذاريا. هن پنهنجي چاچي جي گهر 4 ڪلاڪ گذاريا. ٻڌايو ته هن ٻنهي گهرن ۾ ڪيترو وقت گذاريو؟

(2) هڪ هاريءَ هڪ هفتي ڪڻڪ جي فصل لڻڻ لاءِ 53 ڪلاڪ لڳايا ۽ چانورن جي فصل لڻڻ ۾ 68 ڪلاڪ لڳايا. هن ڪُل ملائي ڪيترو وقت لڳايو؟

(3) عليشا جي ماءُ مهمانن لاءِ منجهند جي ماني پچائڻ لاءِ 3 ڪلاڪ ۽ رات جي ماني پچائڻ لاءِ 4 ڪلاڪ لڳايا. هن ماني پچائڻ ۾ ڪُل ڪيترو وقت گذاريو؟

(4) برساتي موسم ۾، اربع تي 2 ڪلاڪ مينهن پيو، خميس تي 4 ڪلاڪ ۽ جمعي تي 3 ڪلاڪ مينهن پيو. ٻڌايو ته ٽنهي ڏينهن ۾ ڪُل ڪيترو وقت مينهن پيو؟

5.3 وقت جي ايڪن جي ڪٽ

وقت جي ايڪن جي ڪلاڪن ۾ ڪٽ

مثال: 10 ڪلاڪن مان 8 ڪلاڪ ڪٽ ڪريو.

حل:

	ڪلاڪ
	10
–	8
	2

مشق 51

(الف) هيٺيان حل ڪريو.

(1) ڪلاڪ 5 – 4

(2) ڪلاڪ 12 – 7

(3) ڪلاڪ 22 – 18

(4) ڪلاڪ 37 – 22

(5) ڪلاڪ 33 – 14

(6) ڪلاڪ 49 – 39

(ب) ڪٽ ڪريو.

(1) 12 ڪلاڪن مان 6 ڪلاڪ

(2) 48 ڪلاڪن مان 6 ڪلاڪ

(3) 165 ڪلاڪن مان 145 ڪلاڪ

(4) 300 ڪلاڪن مان 195 ڪلاڪ

(5) 723 ڪلاڪن مان 486 ڪلاڪ

(6) 955 ڪلاڪن مان 578 ڪلاڪ

وقت جي ايڪن يعني ڪلاڪن سان واسطو رکندڙ روزمره جي زندگيءَ ۾ ڪٿ جا حساب حل ڪرڻ

مثال: سليم هاءِ وي رستي ڪراچي کان سکر تائين سفر 8 ڪلاڪن ۾ ڪيو. احمد ڪراچي کان لاهور تائين سفر 18 ڪلاڪن ۾ ڪيو. ڪنهن ۽ ڪيترو وقت وڌيڪ سفر ڪيو؟

حل:

	ڪلاڪ
احمد سفر ڪيو	18
سليم سفر ڪيو	– 8
	10

تنهنڪري، احمد سليم کان 10 ڪلاڪ وڌيڪ سفر ڪيو.

مشق 52

(1) سکر کان ڪراچي جو سفر ڪرڻ لاءِ بس 8 ڪلاڪ ۽ ڪار 6 ڪلاڪ لڳائي ٿي. ڪهڙي گاڏي تيز آهي ۽ ڪيترو وقت گهٽ وٺي ٿي؟

(2) ماجده ٻه پوشاڪون ناهڻ لاءِ 22 ڪلاڪ لڳائي ٿي. جيڪڏهن هڪ پوشاڪ ناهڻ ۾ هن کي 15 ڪلاڪ لڳا آهن ته ٻي پوشاڪ ناهڻ لاءِ هيءَ ڪيترو وقت لڳائيندي؟

(3) احسن هڪ ڪهاڻيءَ جي ڪتاب پڙهڻ ۾ 5 ڪلاڪ لڳائي ٿو ۽ عظيم ساڳئي ڪتاب کي 9 ڪلاڪن ۾ پڙهي ٿو. ٻڌايو ته ڪنهن وڌيڪ وقت لڳايو ۽ ڪيترو وڌيڪ وقت لڳايو؟

(4) ٽي وي چينل (الف) راندين جو پروگرام 14 ڪلاڪ هلائي ٿو، جڏهن ته ٽي وي چينل (ب) 29 ڪلاڪ هلائي ٿو. ڪهڙو ٽي وي چينل وڌيڪ وقت راندين لاءِ پروگرام هلائي ٿو ۽ ڪيترو وڌيڪ وقت هلائي ٿو؟

(5) سائره جي ڪٽنب شام جو 5 وڳي حيدرآباد ڇڏي ۽ شام جو 7 وڄي 30 منٽن تي ڪراچي پهتو. ٻڌايو ته اُنهن ڪيترو وقت سفر ڪيو؟

يونٽ

6

جاميٽري

6.1 جاميٽريءَ جون شڪليون

ٽبڪو، ليڪ ٽڪر ۽ شعاع جي سڃاڻپ

شروعات ڪندڙ: استاد بورڊ تي مختلف ٽبڪا ناهي ۽ انهن کي الف، ب ۽ ج جا نالا ڏئي ۽ اهو به وضاحت ڪري ته ٻن نقطن جي وچ ۾ جيڪا سڌي ليڪ آهي اهو ليڪ ٽڪر جنهن کي هن طرح ناهي سگهبو

الف ________ ب

الف ب يا ب الف

ٽبڪو

اهو ڪنهن جاءِ جي بيهڪ جي نشاندهيءَ لاءِ استعمال ٿيندو آهي. ٽبڪن کي ظاهر ڪرڻ لاءِ اکر الف، ب، ج وغيره استعمال ٿيندا آهن. اسين هڪ ڪاغذ تي ڪيترائي ٽبڪا ڪيڏي سگهون ٿا.



اسين انهن کي پڙهي سگهون ٿا:

ٽبڪو الف، ٽبڪو ب، ٽبڪو ج، ... ۽ ٽبڪو ي وغيره.

ليڪ ٽڪر:

ٻن ٽبڪن جي وچ ۾ سڌي رستي کي ليڪ ٽڪر چئبو آهي. هتي ٽبڪا الف ۽ ب ليڪ ٽڪر جا ڇيڙا آهن.



اسين اِن کي ليڪ ٽڪر الف ب يا ليڪ ٽڪر ب الف چئي سگهون ٿا يا نشانيءَ ۾ انهيءَ کي هيٺين ريت لکي سگهون ٿا.

الف ب يا ب الف

الف ب کي پڙهبو ليڪ ٽڪر الف ب ۽
ب الف کي پڙهبو ليڪ ٽڪر ب الف

بورڊ تي استاد ليڪ ٽڪر ڏيکاري ٿو

الف ب

پوءِ استاد هڪ پاسي کان ليڪ ٽڪر کي وڌائي ٿو ۽ ان جي آخر ۾ تير ڏيکاري ٿو

الف ب

۽ ان جي وضاحت ڪري ٿو ته هي شعاع آهي ۽ ان کي هڪ شروعاتي نقطو هوندو آهي ۽ کي الف ب لکبو آهي

ب الف ۾ شروعاتي نقطو ب هوندو

ڪجهه شاگردن کي سڏيو ۽ انهن کي بورڊ تي ليڪ ٽڪر ۽ ان کي نالو ڏيڻ لاءِ چئو ۽ وري پوءِ ڪجهه ٻيا شاگرد سڏيو ۽ انهن کي ليڪ ٽڪر کي شعاع ٺاهڻ لاءِ چئو، انهن کي چيڙي وارا نقطا سجاڻڻ لاءِ چئو.

شعاع:
هڪ ليڪ ٽڪر الف ب ڪٽو.

هاڻي هن جي هڪ چيڙي کي وڌايو. فرض ڪريو ٽپڪي ب کان اڳتي رخ ۾ هڪ تير جو نشان ڏيو. اسين هيٺين شڪل حاصل ڪنداسين.

استاد لاءِ هدايت

اُستاد کي گهرجي ته ٽپڪي، ليڪ ٽڪر ۽ شعاع جو تصور تصويرن ذريعي سمجهائي.

انهيءَ ڪي شعاع الف ب چئبو آهي. نشانيءَ ۾ لکبو ب الف يا الف ب.

شعاع کي هڪ چيڙو هوندو آهي. ب الف ۾ هڪ چيڙو الف آهي. ساڳي طرح سان اسين شعاع ب الف ناهي سگهون ٿا. الف ب ۾ هڪ چيڙو ب آهي.



هڪ شعاع ليڪ ٽڪر جي هڪ چيڙي تي تير جو نشان ناهڻ سان ٺهي ٿو.

شعاع کي رڳو هڪ چيڙو هوندو آهي. شعاع جي ڊيگهه ماپ ڪري نه ٿي سگهجي.

عملي ڪم

ليڪ ٽڪرن تي نشان (✓) ۽ شعاعن تي (✗) نشان لڳايو. هر هڪ شڪل جي چيڙن وارن ٽپڪن تي گول نشان پڻ ڪيو.



مشق 53

(1) ليڪ ٽڪر تي نشان (✓) ۽ شعاع تي نشان (✗) لڳايو.

(2) هيٺين شڪلين جا چيڙا لکو.



(3) هيٺ ڏنل ليڪ ٽڪر جو نالو ٻن طريقن سان لکو.

(4) د ج ۽ ف ع ڪهڙي ٽيڪي تي هڪ ٻئي کي ڪٽين ٿا؟



(5) هيٺين شڪل ۾ چار ليڪ ٽڪرن جا نالا لکو، جن جو ساڳيو چيڙو چيڙو الف آهي.



(6) ڏنل شڪل ۾ ڏيکاريل شعاعن ۽ ليڪ ٽڪرن جا نالا لکو.



پاسن جي تعداد جي مطابق شڪلين جي درجا بندي ڪرڻ، جيئن چوڪندا (مستطيل، چورس) ۽ ٽڪندا.

چوڪندو:



چوڪندو هڪ بند شڪل آهي. اُن کي چار پاسا ۽ چار چوٽيون آهن: الف ب ت ث هڪ چوڪندو آهي

الف ب = ب ث = ت ث = ت الف

اُنهيءَ جا پاسا آهن. ٽيڪا الف، ب، ت ۽ ث انهيءَ جون چوٽيون آهن. چورس ۽ مستطيل چوڪندا آهن.

چورس:



اهڙو چوڪندو جنهن جي چئني پاسن جي ماپ برابر هجي تنهن کي چورس چئبو آهي. الف ب ج د هڪ چورس آهي.

الف ب = ت ث ۽ ب ث = الف ت

سامهون ڏيکاريل چورس کي الف، ب، ج ۽ د چار چوٽيون آهن.



مستطيل:

اهڙو چوڪندو جنهن جي آمهون سامهون وارن پاسن جي ماپ برابر هجي، تنهن کي مستطيل چئبو آهي. الف ب ت ث هڪ مستطيل آهي، جنهن ۾

الف ب = ت ث ۽ ب ت = الف ث

سامهون ڏيکاريل مستطيل کي الف، ب، ت ۽ ث چار چوٽيون آهن.



ٽڪندا:

هڪ ٽڪندو الف ب ت هڪ بند شڪل آهي،

جنهن کي الف ب، ت ث ۽ الف ت ٽي پاسا آهن.

ٽيڪا الف، ب ۽ ت ٽڪندي الف ب ت جون چوٽيون آهن.

استاد لاءِ هدايت

اُستاد کي گهرجي تہ شاگردن کي چورس، مستطيل ۽ ٽڪندن جي وصفن جو دؤر ڪرائي.

عملي ڪم

ٽيڪن کي ملائي هيٺين چوڪندن جا نالا ڏيو،
انهن شڪلين کي نالا پڻ ڏيو.



مثال: جيو بورڊ جي مدد سان هيٺيان ٽڪندو ناهيو



هي ٽڪندو آهي ۽ هاڻ اسان جيو بورڊ تي ٽڪندو ناهينداسون



مشق 54

(1) هيٺين شڪلين جا نالا لکو.



(2) ڏنل ٽيڪن کي ملائيندي ۾ مستطيل، ۾ چورس ۽ ۾ ٽڪنڊا ٺاهيو.



(3). هيٺين جملن کي چوڪندو،چورس، مستطيل ۽ ٽڪنڊي سان مڪمل ڪريو.

(i) چئن پاسن واري بند شڪل کي ________چئبو آهي.

(i) ٽن پاسن واري بند شڪل کي ________ کي چئبو آهي.

(iii) ________ جا آمهون سامهون وارا پاسا ماپ ۾ برابر هوندا آهن.

(vi) ________ جا چارئي حصا ماپ ۾ برابر هوندا آهن.

(v) اهو چوڪندو جنهن جا آمهون سامهون وارا پاسا برابر هجن اهو ________ آهي.

گول، نيم قطر ۽ قطر کي سڃاڻڻ

شروعات: استاد هڪ گول ڪاغذ جو ٽڪرو ڪٽي ۽ ان کي اهڙيءَ طرح ويڙهي جو ان ۾ هڪ ڪِريز نهي جيڪا ان ٽڪري کي ٻن حصن ۾ ورهائي.

- ❖ پوءِ استاد پين جي مدد سان ان ڪريز تي هڪ ليڪ ٽڪر ناهي ۽ ٻڌائي ته هن کي قطر چئبو آهي.
- ❖ ان کان پوءِ استاد ان گولائي ڪاغذ کي ٻه دفعا اجان ويڙهي ته جيئن اهو چئن برابر حصن ۾ ورهائجي وڃي.



5 روپين واري سِڪي جي تصوير کي ڏسو. انهي کي گول شڪل چئبو آهي. گول ۾ نه ڪو پاسو ۽ نه ئي ڪا چوٽي هوندي آهي.

عملي ڪم

قطر



ڪاغذ جو هڪ گول ٽڪر ڪٽو، انهيءَ کي اهڙيءَ طرح ويڙهيو جيئن اهو ٻن برابر حصن ۾ ورهائجي وڃي. سڌي نشان تي ليڪ ڪيو. اهو هڪ ليڪ ٽڪر کي ظاهر ڪري ٿو ۽ ان ليڪ ٽڪر کي گول جو قطر چئبو آهي.



چيڙن کي الف ۽ ب جا نالا ڏيو ۽ الف ب لکو. الف ب گول جوقطر آهي.

نيم قطر يا رداس



هاڻي وري انهيءَ گول شڪل کي ٻه دفعا اهڙي طرح ويڙهيو، جيئن اهو چئن برابر حصن ۾ ورهائجي وڃي. هاڻي انهيءَ کي کوليو ۽ اسان کي ٻه سڌا نشان ڏسڻ ۾ ايندا. سڌي نشان جي ليڪن ۽ ٽپڪن کي ملايو. انهن کي الف ب ۽ ت ث نالا ڏيو. ٻه ليڪ ٽڪر الف ب ۽ ت ث هڪ ٻئي کي ٽپڪي ج تي ملن ٿا. انهي ٽپڪي کي گول جو مرڪز چئبو آهي. انهي ٽپڪي ج کان گول جي حد تائين فاصلي کي نيم قطر يا رداس چئبو آهي.



ج گول جو مرڪز ۽ ج الف گول جو رداس آهي. الف ب ۽ ت ث گول جا قطر آهن.

گول جو قطر، رداس کان ٻيڻو هوندو آهي.

مشق 55

(1) هيٺين ۾ مرڪز، نيم قطر ۽ قطر جا نالا ڏيو.

(i)



(ii)



(iii)



	(i)	(ii)	(iii)
مرڪز	م	....	....
قطر	$\overline{\text{ب ج}}$	....	....
نيم قطر	$\overline{\text{م ج}}$ ، $\overline{\text{ث م}}$	....	....

(2) هيٺين گولن ۾ قطر ۽ نيم قطر ڏيکاريو.

(i)



قطر = ☐

نيم قطر = ☐

(ii)



قطر = ☐

نيم قطر = ☐

(iii)



قطر = ☐

نيم قطر = ☐

چورس، مستطيل ۽ ٽڪنڊن جو احاطو معلوم ڪرڻ

شروعات: استاد هينيون مثال استعمال ڪندي هڪ ٽڪنڊو ناهي ۽ ان جي وضاحت ڪري ته احاطو ڇا هوندو آهي.

احاطو:

اِهو هڪ ٽڪنڊو آهي. اِنهيءَ کي ٽي ليڪ ٽڪر يا پاسا آهن.
ليڪ ٽڪر الف ب 5 س. م ڊگهو آهي.
ليڪ ٽڪر ب ت 4 س. م ڊگهو آهي ۽
ليڪ ٽڪر ت الف 3 س. م ڊگهو آهي.
انهن ٽنهي جي ڊيگهه جي جوڙ اُپت آهي.
12 س م = **3** س م + **4** س م + **5** س م
اها جوڙ اُپت **احاطو** آهي.



ڪنهن بہ شڪل جي سيني پاسن جي ڪُل ڊيگهه کي احاطو چئبو آهي.

مثال1: هيٺ ڏنل مستطيل جو احاطو معلوم ڪريو.

حل:

ليڪ ٽڪر الف ب = 5 س.م
ليڪ ٽڪر ب ج = 2 س.م
ليڪ ٽڪر ج د = 5 س.م
ليڪ ٽڪر د الف = 2 س.م +
احاطو = 14 س.م



مثال2: هيٺ ڏنل چورس جو احاطو معلوم ڪريو.

حل:

ليڪ ٽڪر الف ب = 3 س. م
ليڪ ٽڪر ب ت = 3 س. م
ليڪ ٽڪر ت ث = 3 س. م
ليڪ ٽڪر ث الف = 3 س. م +
احاطو = 12 س. م



استاد لاءِ هدايت

اُستاد ڪي گهرجي تہ شاگردن کي احاطي جو تصور سمجهڻ ۾ مدد ڪري.

مشق 56

هيٺين شڪلين جو احاطو معلوم ڪريو.

(1)



ليڪ ٽڪر الف ب = ... س. م
ليڪ ٽڪر ب ج = ... س. م
ليڪ ٽڪر ج د = ... س. م
ليڪ ٽڪر ث الف = ... س. م +
احاطو = ... س. م

(2)



ليڪ ٽڪر الف ب = ... س. م
ليڪ ٽڪر ب ج = ... س. م
ليڪ ٽڪر ج د = ... س. م
ليڪ ٽڪر ث الف = ... س. م +
احاطو = ... س. م

(3)



ليڪ ٽڪر ب ث = ... س. م
ليڪ ٽڪر ت ث = ... س. م
ليڪ ٽڪر ت ب = ... س. م +
احاطو = ... س. م

(4) هڪ چورس ميز جو هر هڪ پاسو 38 س.م ڊگهو آهي. ميز جي متاچري جو احاطو معلوم ڪريو.

(5) هڪ دريءَ جي ڊيگهه 75 س. م ۽ ويڪر 50 س. م آهي. دريءَ جو احاطو معلوم ڪريو.

معلومات سهيڙڻ

7.1 تصويري گراف

تصويري گراف پڙهڻ ۽ سمجهڻ.

شروعات: استاد ڏنل تصوير کي بورڊ تي ناهي ۽ ٻارن کان پڇي ته هنن تصويرن ۾ ڪهڙي معلومات ملي ٿي. ڪجھ جواب ملڻ کان پوءِ استاد اها وضاحت ڪري ته هي معلومات اسان ٻن کي گڏي ڪري مختصر نموني سان ڏيکاري سگهون ٿا.

ڏنل تصويرن کي ڏسو.

پهرين قطار ۾ 10 ڇوڪرا ۽ ٻي قطار ۾ 6 ڇوڪريون آهن. انهيءَ ڄاڻ کي هيٺين تصويرن جي مدد سان ڏيکاري سگهجي ٿو.

	پهرين قطار
	ٻي قطار

هتي اسين ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين جي تعداد کي ٻن ٻن ۾ گڏي آساني سان ٻڌائي سگهون ٿا. ساڳي معلومات کي مختصر طور هيٺين ريت ظاهر ڪري سگهجي ٿو.

	پهرين قطار
	ٻي قطار

هتي ٻن ڇوڪرن کي ظاهر ڪري ٿو.	انهيءَ ڪري پهرين قطار ۾ 10 ڇوڪرا آهن.
هتي ٻن ڇوڪرين کي ظاهر ڪري ٿي.	انهيءَ ڪري ٻي قطار ۾ 6 ڇوڪريون آهن.

اِهو تصويري گراف آهي.

استاد لاءِ هدايت

اُستاد کي گهرجي ته شاگردن کي ٻيون به نشانيون استعمال ڪري، تصويري گراف جي پڙهڻ کي سمجهڻ ۾ مدد ڪري.

عملي ڪم هي تصويري گراف فارم ۾ مختلف جانورن جي تعداد کي ظاهر ڪري ٿو.

اُٺ	گهوڙا	ٻڪريون	ڍڳيون



هڪ  2 ڍڳين کي ظاهر ڪري ٿي.

هڪ  5 ٻڪرين کي ظاهر ڪري ٿي.

هڪ 2 گهوڙن کي ظاهر ڪري ٿو.

هڪ 5 اُٺن کي ظاهر ڪري ٿو.

تصويري گراف پڙهو ۽ هيٺين سوالن جا جواب ڏيو.

(1) فارم ۾ ڪيترين ڍڳيون آهن؟ $4 \times 2 =$ 8

(2) فارم ۾ ڪيترين ٻڪريون آهن؟ $6 \times 5 =$ ☐

(3) فارم ۾ ڪيترا گهوڙا آهن $5 \times 2 =$ ☐

(4) فارم ۾ ڪيترا اُٺ آهن؟ $4 \times 5 =$ ☐

(5) جانورن جو ڪُل تعداد ڪيترو آهي؟ ☐

استاد لاءِ هدايت اُستاد کي گهرجي ته شاگردن جي عملي ڪم کي حل ڪرڻ ۾ مدد ڪري.

مشق 57

(الف) هيٺ ڏنل تصويري گراف وڪرو ڪيل آنن جي تعداد کي ڏيکاري ٿو، جيڪي هڪ دڪاندار چئن ڏينهن ۾ وڪيا آهن.

هڪ  5 آنا ظاهر ڪري ٿو.



مٿيون گراف پڙهو ۽ هيٺين سوالن جا جواب ڏيو.

(1) آخري ڏينهن ۾ ڪيترا آنا وڪرو ٿيا؟

(2) ڪهڙي ڏينهن گهٽ ۾ گهٽ آنا وڪرو ٿيا؟

(3) ڪهڙي ڏينهن وڌ ۾ وڌ آنا وڪرو ٿيا؟

(4) پهرين ٻن ڏينهن ۾ ڪيترا آنا وڪرو ٿيا؟

(5) آخري ٻن ڏينهن ۾ وڪرو ٿيل آنن جي تعداد ۾ ڇا فرق آهي؟

(ب) هيٺيون تصويري گراف جانورن جي باغ ۾ جانورن جو تعداد ڏيکاري ٿو.

هتي هر هڪ تصوير ﮨﻪ جانور ظاهر ڪري ٿي.



تصويري گراف کي ڏسو ۽ هيٺين سوالن جا جواب ڏيو.

(1) شينهن ڪيترا آهن؟

(2) سڀ ملائي ڪُل جانور ڪيترا آهن؟

(3) هاٿين کان لُومڙيون ڪيتريون وڌيڪ آهن؟

(4) ڪيترا مختلف قسمن جا جانور آهن؟

(5) ڪهڙا جانور تعداد ۾ سڀ کان وڌيڪ آهن؟

(6) ڪهڙا جانور سڀ کان گهٽ تعداد ۾ آهن؟

(ج) هيٺ ڏنل تصويري گراف هڪ سگنل وٽان گذرڻ واري ٽريفڪ کي ڏيکاري ٿو.

هر هڪ شڪل **10** گاڏين کي ظاهر ڪري ٿي.



هاڻي گراف کي ڏسو ۽ هيٺين سوالن جا جواب ڏيو.

(1) ڪهڙيون گاڏيون تعداد ۾ وڌيڪ آهن؟

(2) ڪهڙيون گاڏيون تعداد ۾ سڀ کان گهٽ آهن؟

(3) ڪيتريون بسون سگنل وٽان گذريون؟

(4) ڪيتريون موٽر سائيڪلون سگنل وٽان گذريون؟

(5) ڪُل ڪيتريون ويگنون ۽ سائيڪلون سگنل وٽان گذريون؟

(6) بسن کان ڪيتريون وڌيڪ ڪارون گذريون؟

اصطلاح

اڌپور: هڪ سڄي جا برابر حصا

انس: عام اڌپور جو مٿيون عدد

اکي انگ: اُهي عدد جنهن جي ايڪن وارو انگ 1، 3، 5، 7، 9 هجي.

ايڪو: ڪنهن مقدار کي ماپڻ جي معياري ماپ

ٻڌي عدد: اهي عدد جن جي ايڪن وارو انگ 0، 2، 4، 6، 8 هجي.

ٽپڪو: مٿاڇري تي ڪنهن جاءِ جي ٻيهڪ ظاهر ڪندڙ نقطو

ٽڪندو: ٽن پاسن واري بند شڪل

پئسو: پاڪستاني ڪرنسيءَ جو بنيادي ايڪو

پاڇي: اهو عدد جيڪو هڪ عدد کي ٻئي عدد سان ونڊ ڪرڻ کانپوءِ باقي بچي.

پاسو يا ڪنارو: هڪ رُخي ليڪ ٽڪر جيڪو ٻن چوٽين کي پاڻ ۾ ملائي.

جوڙ جو عمل: ٻن عددن يا مقدارن جي جوڙ اُپت معلوم ڪرڻ جو عمل.

چوڪندو: چئن پاسن واري بند شڪل

چورس: اُهو چوڪندو جنهن جا چارئي پاسا برابر هجن ۽ ان کي چار گونيون ڪندون هجن.

چوٽي: ڪنهن بہ شڪل جي ڪنڊ وارو ٽپڪو

ڇيد: عام اڌپور جو هيٺيون عدد.

رپيو: پاڪستاني ڪرنسيءَ جو معياري ايڪو

سينٽي ميٽر: ڊيگهہ جو ايڪو جيڪو هڪ ميٽر جو $\frac{1}{100}$ حصو آهي.

سيڪنڊ: وقت جو بنيادي ايڪو، هڪ منٽ جو $\frac{1}{60}$ حصو يا سنون حصو

سال: وقت جو ايڪو 1 سال = 365 ڏينهن

شعاع: هڪ ليڪ ٽڪر جي هڪ چيڙي تي تير جو نشان لڳائڻ سان شعاع ملندو آهي.

شمسي ڪئلينڊر: هن ڪئلينڊر ۾ تاريخون سج جي چوڌاري زمين جي گردش يا ٻيهڪ ظاهر ڪنديون آهن (هڪ سال ۾ **365** ڏينهن هوندا آهن).

ضرب جو عمل: ساڳئي عدد کي وري وري جوڙ ڪرڻ جو عمل

علامت: هڪ نشاني جيڪا ڪنهن عمل، جزو يا لاڳاپي لاءِ استعمال ٿي.

غير واجب اڌپور: اهڙو اڌپور جنهن جو انس، ڇيد کان وڏو هجي.

فٽ پٽي: فاصلو معلوم ڪرڻ لاءِ هڪ سڌي پٽي

قطر: اڌ گول جو ليڪ ٽڪر جيڪو مرڪز مان گذري.

اصطلاح

قمري ڪئليندر: سال جو اسلامي ڪئليندر. (قمري يا هجري ڪئليندر.)

ڪلاڪ: وقت جو ايڪو جيڪو هڪ ڏينهن جو چوويهون حصو آهي يعني 60 منٽن جي برابر آهي.

ڪلوگرام: مايي جو بنيادي ايڪو

ڪٽ جو عمل: علامت ”–“ ٻن عددن يا مقدارن جي وچ ۾ فرق معلوم ڪرڻ جو عمل.

گنجائش: پاڻياٺ جي اُها مقدار جيڪا ڪنهن ٿانءَ ۾ اچي سگهي.

گول: اهڙي گولائي واري بند شڪل جنهن جو هر هڪ ٽٻڪو ڏنل مرڪزي ٽٻڪي کان هڪ جيتري مفاصلي تي هجي.

گرام: مايي جو بنيادي ايڪو

گراف: اها شڪل يا تصوير جيڪا گڏ ڪيل مواد ڏيکاري.

لٽر: مقدار يا گنجائش جو ايڪو

ليڪ ٽڪر: ٻن ٽٻڪن جي وچ ۾ ننڍي ۾ ننڍو فاصلو

ليڪ: اِها شڪل ليڪ کي ظاهر ڪري ٿي.

مايو: ڪنهن بہ شيءِ ۾ سمايل مادي جو مقدار

ملي لٽر: هڪ لٽر جو هزارون حصو

ملي ميٽر: هڪ ميٽر جو هزارون حصو

منٽ: ڪلاڪ جو $\frac{1}{60}$ حصو يا سٺون حصو

مهينو: وقت جو ايڪو 1 مهينو = 30 ڏينهن

مستطيل: هڪ چوڪندو جنهن جا آمهون سامهون وارا پاسا برابر هجن ۽ ان کي چار ڪونيون ڪندون هجن.

مڪاني ملهہ: عدد ۾ انگ جي جڳهہ جي مطابق قيمت

ناڻو: پئسا ڪنهن بہ شڪل ۾

ونڊ جو عمل: ورهاست جو عمل، علامت ”÷“

ونڊ اُپت : ٻن مقدارن يا عددن مان ونڊ اُپت معلوم ڪرڻ جو عمل يا ڪنهن عدد مان ساڳي ئي عدد کي وري وري ڪٽ ڪرڻ.

هفتو: وقت جو هڪ ايڪو

1 هفتو = 7 ڏينهن

جواب

مشق 1

(1) V, VII, XI, IX, VIII, XVI, XVII, XX

(2) 3, 4, 6, 10, 2, 15, 12, 19

(3) II, IV, V, VII, VIII, IX, XI, XII, XIV, XV, XVI, XVIII, XIX, XX

(6) I, II, III, IV, V, VI, VII, VIII, IX, X, XI, XII, XIII, XIV, XV, XVI, XVII, XVIII, XIX, XX

مشق 2

(3) 2, 4, 6, 8, 10, 12, 14, 16, 18

(4) 3, 5, 7, 9, 11, 13, 15, 17, 19,

(5) 32, 34, 36, 38, 40 (6) 51, 53, 55, 57

(7) 50, 52, 54, 56, 58, 60, 62, 64, 66, 68, 70, 72, 74, 78, 80

(8) 71, 73, 75, 77, 79, 81, 83, 85, 87, 89

(9) i. غلط ii. غلط iii. صحيح iv.صحيح

مشق 4

(1)

(i) چار هزار هڪ سو چاونجاهه (ii) پنجٽيهه هزار ڇهه سو اٺهتر

(iii) نو سو ايڪاسي هزار ٻه سو چونجاهه (v) پنج هزار ٽ

(v) ست هزار هڪ سو ويهه (vi) ٽي سو چاونجاهه هزار ست سو ٻياسي

(vii) ايڪيتاليهه هزار پنج سو چوويهه (viii) هڪ سو ٽيويهه هزار چار سو چانونجاهه

(2) i. 8461 ii. 72695 iii. 55001

(3) i. 950 ii.25,646 iii. 5,421

(4) i. 5124, 6124, 7124 ii.51457, 51467, 51477

iii. 423456, 523456, 623456

جواب

مشق 5

(1) i. < ii. > iii. = iv. > v. < vi. >

(2) i. < ii. > iii. = iv. < v. > vi. <

مشق 6

(1) i. 476, 5034, 7881, 523241 ii. 1778, 2346, 2354, 4632
iii. 3451, 41353, 43513, 53314

(2) i. 7120, 6432, 4343, 3213 ii. 94321, 49321, 31249, 12349
iii. 120451, 57401, 12345, 10000

مشق 7

(1)


(2)


(4)


مشق 8

1. 67 2. 455 3. 89 4. 199 5. 719
6. 1087 7. 1020 8. 923 9. 813 10. 49
11. 185 12. 938 13. 749 14. 769 15. 500

مشق 9

(الف) 1. 3885 2. 4795 3. 9778 4. 7796 5. 9897
6. 5999 7. 7969 8. 9897 9. 8899

(ب) 1. 3537 2. 7535 3. 5859 4. 7796
5. 9897 6. 9839 7. 3765

جواب

مشق 10

(الف) 1. 8020 2. 8071 3. 10183
4. 5891 5. 8706 6. 6659

(ب) 1. 7020 2. 5692 3. 12350 4. 7431

(ج) 1. 5083 2. 4724 3. 6504 4. 6432

مشق 11

(الف) 1. 19 2. 21 3. 24 4. 32
5. 28 6. 43

(ب) 1. 45 2. 43 3. 60 4. 36
5. 70 6. 80

مشق 12

1. صفحا 1362 2. ميٹر 2200 3. آبادي 7986
4. ملاقاتي 5793 5. صفحا 378 6. شاگرد 777
7. بوتلون 8000

مشق 13

1. 41 2. 22 3. 601 4. 322
5. 322 6. 322 7. 223 8. 147
9. 59 10. 513 11. 759 12. 187

مشق 14

(الف) 1. 1237 2. 7234 3. 4442 4. 5522 5. 2212
6. 4633 7. 3402 8. 1533 9. 1123

(ب) 1. 2112 2. 3411 3. 2344 4. 4322 5. 4222

مشق 15

(الف) 1. 2168 2. 3361 3. 1436 4. 1205 5. 2771
6. 3969 7. 1358 8. 1124 9. 736

(ب) 1. 5113 2. 844 3. 991 4. 4177

(ج) 1. 4039 2. 1771 3. 4028 4. 3344

جواب

مشق 16

(1) i. 9 ii. 62 iii. 66 iv. 63 v. 21 vi. 66

(2) i. 31 ii. 6 iii. 38 iv. 25 v. 49 vi. 53
vii. 79 viii. 13

(3) i. 6 ii. 5 iii. 22

مشق 17

1. 370 چاڪليٽ
2. 500 رپيا
3. 514 گاڏيون
4. 2055 رپيا
5. 2638 بسڪوٽ
6. 4629

مشق 18

(الف) 2. 12 3. 9 4. 35 5. 45 6. 24

(ب) 2. 16 3. 30

مشق 19

(الف) 1. 28 2. 62 3. 84 4. 48 5. 69
6. 70 7. 66 8. 318 9. 332

(ب) 1. 26 2. 256 3. 115 4. 132
5. 147 6. 45 7. 195 8. 84

مشق 21

1. 20 2. 30 3. 42 4. 54 5. 108
6. 112 7. 143 8. 208 9. 621 10. 928
11. 1400 12. 4875 13. 1215 14. 952 15. 1659
16. 2975 17. 2300 18. 3800

مشق 22

1. 90 موٽر سائيڪلون
2. 280 هفتا
3. 48 پکي
4. 378 چاڪليٽ
5. 144 چمچا
6. 150 ڪتاب

جواب

مشق 23

(الف) 1. 7 2. 8 3. 8 4. 9 5. 3
6. 9 7. 12 8. 17 9. 19 10. 15

(ب) 1. 5 2. 7 3. 8 4. 10 5. 9
6. 8 7. 15 8. 33 9. 13 10. 19
11. 13 12. 25

(ج) 2. وند اُپت 3. وندبندڙ 4. وند اُپت
5. وندبندڙ 6. وندٽي

مشق 24

1. 7 2. 9 3. 7 4. صفحا 20
5. 7 ڪاپيون 6. 3 لٽر 7. 9 ٽافيون

مشق 25

1. 20 پڙيون 2. 16 دبيون 3. 3 ٽيمون
4. 7 دبيون 5. 14 ڪلوگرام

مشق 26

(الف) 1. $\frac{1}{4}$ 2. $\frac{7}{10}$ 3. $\frac{2}{3}$ 4. $\frac{3}{7}$ 5. $\frac{5}{12}$ 6. $\frac{5}{7}$

(ب) 1. $\frac{4}{11}$ 2. $\frac{7}{8}$

مشق 27

(1) (i) $\frac{2}{4}, \frac{1}{3}, \frac{3}{6}, \frac{1}{2}$ ۽ $\frac{2}{4} = \frac{3}{6} = \frac{1}{2}$

(ii) $\frac{1}{2}, \frac{2}{4}, \frac{2}{6}, \frac{3}{6}$ ۽ $\frac{1}{2} = \frac{2}{4} = \frac{3}{6}$

(iii) $\frac{2}{5}, \frac{3}{6}, \frac{2}{4}, \frac{1}{2}$ ۽ $\frac{3}{6} = \frac{2}{4} = \frac{1}{2}$

(2) (i) $\frac{2}{8}, \frac{3}{12}, \frac{4}{16}$ (ii) $\frac{4}{6}, \frac{6}{9}, \frac{8}{12}$ (iii) $\frac{6}{8}, \frac{9}{12}, \frac{12}{16}$

(iv) $\frac{8}{10}, \frac{12}{15}, \frac{16}{20}$ (v) $\frac{2}{10}, \frac{3}{15}, \frac{4}{20}$ (vi) $\frac{4}{12}, \frac{6}{18}, \frac{8}{24}$

جواب

مشق 28

(الف) 1,2,5 واجب اٽپور آهن.

(ب)
1. $<$ 2. $>$ 3. $<$ 4. $>$ 5. $=$
6. $>$ 7. $<$ 8. $>$ 9. $=$

مشق 29

(الف)
1. $\frac{2}{3}$ 2. $\frac{4}{5}$ 3. $\frac{3}{4}$ 4. $\frac{5}{6}$ 5. $\frac{6}{7}$
6. $\frac{7}{8}$ 7. $\frac{9}{9}$ 8. $\frac{9}{11}$ 9. $\frac{13}{15}$ 10. $\frac{17}{18}$
11. $\frac{13}{14}$ 12. $\frac{19}{20}$

(ب)
1. $\frac{5}{7}$ 2. $\frac{9}{12}$ 3. $\frac{13}{15}$

(ج)
1. $\frac{3}{5}$ 2. $\frac{8}{7}$ 3. $\frac{9}{10}$ 4. $\frac{2}{12}$ 5. $\frac{9}{13}$ 6. $\frac{11}{15}$

مشق 30

(1)
i. $\frac{1}{3}$ ii. $\frac{2}{5}$ iii. $\frac{1}{6}$ iv. $\frac{3}{8}$ v. $\frac{2}{7}$
vi. $\frac{2}{9}$ vii. $\frac{5}{10}$ viii $\frac{4}{13}$ ix. $\frac{5}{11}$ x. $\frac{7}{12}$
xi. $\frac{1}{15}$ xii. $\frac{5}{18}$

(2)
i. $\frac{1}{4}$ ii. $\frac{11}{14}$ iii. $\frac{1}{19}$

(3)
i. $\frac{2}{7}$ ii. $\frac{7}{9}$ iii. $\frac{1}{10}$ iv $\frac{7}{13}$ v. $\frac{4}{11}$
vi $\frac{6}{17}$ vii. $\frac{6}{25}$ viii. $\frac{1}{19}$ ix. $\frac{3}{15}$

مفت تقسيم لاءِ

جواب

مشق 31

(1) ii. 3cm — iii. 7cm — iv. 10cm — v. 8cm

(2) ii. ✓ — iii. ✓ — iv. ✗ — v. ✗ — vi. ✓

(3) i. سینٹی میٹر — ii. سینٹی میٹر — iii. سینٹی میٹر
iv. میٹر — v. میٹر

مشق 32

(الف) 1. 88cm — 2. 122m — 3. 43km — 4. 12m 74cm
5. 14m 99cm — 6. 47km 951m

(ب) 1. 89cm — 2. 27cm — 3. 41km — 4. 122m 35cm

مشق 33

1. 103cm — 2. 345m — 3. 335km — 4. 1585m

مشق 34

(الف) 1. 39cm — 2. 29km — 3. 18m
4. 22km 32m — 5. 18km 22m — 6. 29km 178m

(ب) 1. 40cm — 2. 3m — 3. 7km
4. 186m — 5. 72km 174m

مشق 35

1. 15m تار — 2. 25cm ذری — 3. 634m ربن — 4. 2m 28cm

مشق 36

(1) (i) g — (ii) kg — (iii) kg — (iv) g
(v) g — (vi) kg — (vii) g — (viii) kg

(2) (ii) kg — (iii) g — (iv) kg — (v) g — (vi) g

مشق 37

(الف) (1) 595 g — (2) 817 g — (3) 802 g — (4) 81 kg
(5) 3667 kg — (6) 81221 kg

(ب) (1) 550 g — (2) 1023 kg — (3) 1275 g — (4) 7797 g

جواب

مشق 38

(1) 600 g مصالحا　(2) 20 kg اتو　(3) 59 kg کپھ　(4) 15 kg سبزيون

مشق 39

(الف)　(1) 1 kg　(2) 114 kg　(3) 159 g　(4) 379 kg
(5) 111 kg　(6) 589 g

(ب)　(1) 252 g　(2) 253 kg　(3) 220 g　(4) 8 kg
(5) 220 g　(6) 80 kg

مشق 40

(1) 15 kg بصر　(2) 100 kg چانور　(3) 1450 kg لوھ　(4) 22 kg وڏيڪ خريد

مشق 41

(الف)　(1) 280 *ml*　(2) 3 *ℓ*　(3) 500 *ml*

(ب)　(2) 5 *ml*　(3) 100 *ℓ*　(4) 50 *ml*　(5) 200 *ml*

مشق 42

(الف)　(1) 858 *ml*　(2) 1020 *ml*　(3) 999 *ℓ*
(4) 1000 *ℓ*　(5) 1665 *ml*　(6) 5 *ℓ* 769 *ml*

(ب)　(1) 495 *ml*　(2) 1355 *ℓ*　(3) 5 *ℓ* 990 *ml*　(4) 59 *ℓ* 825 *ml*

مشق 43

(1) 550 *ml*　(2) 33 *ℓ*　(3) 3365 *ℓ*　(4) 925 *ℓ* 900 *ml*

مشق 44

(الف)　(1) 125 *ml*　(2) 461 *ℓ*　(3) 2174 *ℓ*
(4) 241 *ml*　(5) 88 *ml*　(6) 15 *ml*

(ب)　(1) 115 *ml*　(2) 440 *ℓ*　(3) 180 *ml*　(4) 110 *ℓ*

مشق 45

(1) 330 *ml* تيل　(2) 42 *ℓ* پيٽرول　(3) 15 *ℓ* پاڻي　(4) 650 *ℓ* کير

جواب

مشق 46

(1) (ii) 5:45 p.m (iii) 3:00 p.m (iv) 4:30 a.m
(v) 5:55 p.m (vi) 11:40 p.m (vii) 2:30 p.m
(viii) 1:45 a.m (ix) 10:45 p.m

(2) (ii) 3:45 p.m (iii) 10:30 p.m (iv) 1:45 a.m
(v) 6:30 a.m (vi) 3:45 a.m

(3) (ii) شام جا سوا ست
(iii) صبح جا ساڍا ڇهه
(iv) رات جا پوڻا ڏهه

مشق 47

(2) 10:35, ڏهه وڄي پنجٽيهه منٽ
(3) 8:30, ساڍا اٺ
(4) 1:15, سوا هڪ
(5) صبح جا نو وڄي پنجويهه منٽ
(6) صبح جا يارهن وڄي ٽيهه منٽ
(7) منجهند جا ٽي وڄي چاليهه منٽ
(8) شام جا سوا پنج

مشق 48

(الف) (1) آچر (2) خميس
(3) سومر (4) ڇنڇر
(5) آچر (6) آچر

(ب) (1) آچر (2) خميس (3) 4
(5) جنوري، مارچ، مئي، جولائي، آگسٽ، آڪٽوبر، ڊسمبر (6) اربع

مشق 49

(الف) (1) 7 ڪلاڪ (2) 29 ڪلاڪ (3) 41 ڪلاڪ
(4) 50 ڪلاڪ (5) 61 ڪلاڪ (6) 62 ڪلاڪ

(ب) (1) 54 ڪلاڪ (2) 28 ڪلاڪ (3) 225 ڪلاڪ
(4) 260 ڪلاڪ (5) 708 ڪلاڪ (6) 822 ڪلاڪ

مشق 50

(1) 17 ڪلاڪ (2) 121 ڪلاڪ (3) 7 ڪلاڪ (4) 9 ڪلاڪ

جواب

مشق 51

(الف) (1) 1 ڪلاڪ (2) 5 ڪلاڪ (3) 4 ڪلاڪ
(4) 15 ڪلاڪ (5) 19 ڪلاڪ (6) 10 ڪلاڪ

(ب) (1) 6 ڪلاڪ (2) 42 ڪلاڪ (3) 20 ڪلاڪ
(4) 105 ڪلاڪ (5) 237 ڪلاڪ (6) 417 ڪلاڪ

مشق 52

(1) 2 ڪلاڪ گاڏي تيز هلي تي (2) 7 ڪلاڪ
(3) عظيم 4 ڪلاڪ وڌيڪ (4) ب 6 ڪلاڪ وڌيڪ
(5) 2 ڪلاڪ، 30 منٽ

مشق 53

(1) (b) (2) (a) M, N (b) P
(3) $\overline{PQ}$ or $\overline{QP}$ (4) G
(5) $\overline{AB}$, $\overline{AD}$, $\overline{AE}$, $\overline{AC}$ (6) $\overrightarrow{PQ}$, $\overrightarrow{QR}$, $\overrightarrow{PR}$

مشق 54

(1) (i) ٽڪنڊو (ii) چورس (iii) مستطيل
(3) (i) چورس (ii) ٽڪنڊو (iii) مستطيل
(iv) چورس (v) مستطيل

مشق 56

(1) 18 cm (2) 16 cm (3) 15 cm (4) 152 cm (5) 250 cm

مشق 57

(الف) (1) 55 (2) پهرين ڏينهن (3) ٽئين ڏينهن (4) 90 (5) 20
(ب) (1) 4 (2) 36 (3) 4 (4) 6 (5) سَها (6) هاٿي
(ج) (1) گاڏيون (2) بسون (3) 4 (4) 6 (5) 18 (6) 8